# يونٽ 1: الله تعاليٰ جون نعمتون

## شاگردن جي سِکيا جا نتيجا Students Learning Outcomes (SLOs)

### باب پهريون: الله تعاليٰ جون نعمتون

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- الله تعاليٰ اسان کي بيشمار نعمتن سان نوازيو آهي.
  (جهڙوڪ: گهر، ڪتنب، ڪاڙو خوراڪ وغيره).
- هر هڪ کي الله تعاليٰ طرفان عطا ڪيل نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.
- مسلمان پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪهڙا ننڍا عربي فقرا (معنيٰ سان) ادا ڪن ٿا.
- (انشاءَ الله- ماشاءَ الله- الحمدلله- سبحان الله- يرحمڪ الله)

### باب ٻيو: روزا

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- مختلف مذهبن ۽ عقيدن وارن ماڻهن لاءِ روزي جي ڪهڙي اهميت آهي؟
- مختلف مذهبن جا پوئلڳ، سال جي ڌار ڌار وقتن تي روزا رکندا آهن.
- مسلمان، رمضان شريف جي مهيني ۾ روزا رکندا آهن.
- مسلمان، رمضان جي مهيني ۾ ٻيون ڪهڙيون عبادتون ۽ نيڪ ڪم ڪندا آهن.

### باب ٽيون: مذهبي ڏڻ يا وڏا ڏينهن

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- اهو ٻڌائي سگهن تہ مسلمان عيدالفطر ۽ عيدالاضحيٰ ڪهڙيءَ ريت ملهائيندا آهن.
- پنهنجي ڳوٺ يا شهر ۾ ملهايون ويندڙ ثقافتي ۽ مذهبي تقريبن، تهوارن، ڏڻن ۽ خاص ڏينهن کي چڱيءَ طرح ٻڌائي سگهن.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

باب پهريون

# الله تعاليٰ جون نعمتون

اسان کي الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي. هُو اسان سان ڏاڍو پيار ڪري ٿو. هُنَ، اسان کي گهڻن ئي طريقن سان نوازيو آهي. ساهه کڻڻ لاءِ هوا، پيئڻ لاءِ پاڻي ۽ کائڻ لاءِ مختلف کاڌا ۽ غذائون، سڀ ڏٺي سائينءَ طرفان مليل نعمتون آهن. اهي شيون ۽ سامان جيڪو اسان پنهنجي گهرن کي اڏڻ ۾ ڪم آڻيون ٿا، اسان جو ڪٽنب، جنهن سان گڏ اسان رهون ٿا، اسان کي رب پاڪ طرفان عطا ٿيل نعمتون آهن.



الله تعاليٰ جون نعمتون ۽ عنايتون

## سرگرمي:

1. الله تعاليٰ جي انيڪ نعمتن مان ڪن کي "الف" خاني ۾ ڄاڻايو ويو آهي. "ب" خاني ۾ لکي ٻڌايو ته اسان انهن کي ڪيئن ٿا استعمال ڪيون؟

| "الف" خانو الله تعاليٰ جون نعمتون | "ب" خانو انهن جو استعمال |
|---|---|
| (i) هوا | |
| (ii) جانور | |
| (iii) سج | |
| (iv) ٻوٽا | |
| (v) پاڻي | |

استاد لاءِ هدايت: شاگردن کي چئو ته پس منظر ۾ ڏنل شين ڏانهن ڌيان ڏين . انهن جي مشاهدي کي وڌايو، ته جيئن هو ڳولا ڦولا ڪري ٻين تائين پهچائين.

اسان کي الله تعاليٰ جي نعمتن لاءِ سندس ٿورا مڃڻ گهرجن.

2.ڏنل خاني مان لفظ چونڊي خال پريو.

| | | |
|---|---|---|
| انشاءَ الله | | ماشاءَ الله |
| | الحمدلله | |
| يرحمڪ الله | | سبحان الله |

(i) جڏهن مسلمان ڪنهن ڪم جو ارادو ڪندا آهن ته اهي ________ چوندا آهن.

(ii) جڏهن اهي ڪا سٺي ڳالهه ڏسندا يا ٻڌندا آهن ته ____________ چوندا آهن.

(iii) الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ لاءِ مسلمان _________________ چوندا آهن.

(iv) جڏهن ڪنهن کي ڇِڪَ ايندي آهي ته مسلمان ______________ چوندا آهن.

(v) الله تعاليٰ جي ساراهه ڪرڻ وقت مسلمان _________________ چوندا آهن.

استاد لاءِ هدايت: ٻارن کي ٻڌايو ته مسلمان: جڏهن مستقبل جي ارادن ۽ واقعن بابت ڳالهه ڪندا آهن تڏهن انشاءَ الله چوندا آهن، جنهن جي معنيٰ آهي ”الله گهريو ته“. جڏهن ڪا سٺي خبر يا ڪاميابيءَ جي ڳالهه ڪن ته ”ماشاءَ الله“ چون معنيٰ ”رب تعاليٰ ائين چاهيو“ جڏهن الله تعاليٰ جي ساراهه ۽ وڏائي بيان ٿئي ته ”سبحان الله“ چون جڏهن ڪو ڇِڪَ ڏئي ته ٻيو ”يرحمڪ الله“ چوي يعني الله تعاليٰ توهان تي رحم ڪرڻ فرمائي. جڏهن رب پاڪ جا احسان ۽ ٿورا بيان ڪن ته ”الحمدلله“ چون.

# روزا

دنيا جي اڪثر مذهبن ۾ روزن جي خاص اهميت آهي. هنن مذهبن جا پوئلڳ، سال جي مختلف ڏينهن ۽ وقتن تي باقاعدگيءَ سان روزا رکندا آهن. روزا اسان کي ڪيترين ئي چڱين ڳالهيون سيکارين ٿا. اسان صبر، تحمل ۽ برداشت جو سبق پرايون ٿا ۽ اهو پڻ محسوس ڪيون ٿا تہ جن ماڻهن وٽ کائڻ پيئڻ لاءِ گهٽ يا ڪجهہ بہ ناهي، انهن جا خيال ۽ جذبا ڪهڙا هوندا؟ روزن رکڻ جو مقصد اهو آهي تہ الله تعاليٰ خاطر، کائڻ پيئڻ کي مقرر عرصي ۽ وقت لاءِ ڇڏي ڏيڻ، بندگي ۽ عبادت ڪرڻ، نيڪ ۽ چڱا ڪم ڪرڻ، غريبن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ، ڪنهن کي نہ رنجائڻ وغيره.



غريب عورت کي کاڌي پيتي جو سامان ڏنو پيو وڃي

## ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

- مسلمان رمضان شريف جي مهيني ۾ روزا رکندا آهن.
- عيسائي لينٽ (Lent) جا روزا رکندا آهن.
- يهودي يوم ڪپر ۽ ڇنڇر تي روزا رکندا آهن.
- هندو، مذهبي ڏڻ مهاشوارتري ۽ ڏياريءَ کان سواءِ هر مهيني ۾ مقرر تاريخن تي روزا يا ورت رکندا آهن.

## سرگرمي:

هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. روزي جي معنيٰ ۽ مفهوم ڪهڙو آهي؟
2. روزن رکڻ سان حاصل ٿيندڙ ٽي چڱيون ڳالهيون:

(i) ______________________

(ii) ______________________

(iii) ______________________

مسلمان رمضان جي مهيني ۾ روزا رکندا آهن. اُهي اسر کان سج لٿي تائين روزي ۾ هوندا آهن. اسر جو ”سحري“ کائي روزي جي شروعات ڪن ٿا ۽ سج لٿي جي اذان (بانگ) ٻڌڻ بعد روزو افطار ڪن ٿا.



هڪ مسلمان ڪٽنب جا ڀاتي افطار مهل

هن مهيني ۾ مسلمان قرآن پاڪ جي تلاوت روزانو باقاعدگيءَ سان ڪندا آهن.



مسلمان تراويح نماز پڙهي رهيا آهن

رمضان جي مهيني ۾ سومهڻيءَ جي فرض نماز کان پوءِ خاص نماز تراويح ادا ڪئي ويندي آهي جنهن ۾ ترتيب سان قرآن پاڪ جي تلاوت ڪئي وڃي ٿي.

## سرگرمي:

### هيٺين سوالن جا جواب ڏيو

1. مسلمان، عيسائي ۽ هندو ڪڏهن روزا رکندا آهن:

(i) مسلمان ________________ جي مهيني ۾ روزا رکندا آهن.

(ii) عيسائي ________________ جا روزا رکندا آهن.

(iii) هندو ________________ مذهبي ڏڻ کان سواءِ روزا يا ورت رکندا آهن.

2. روزي رکڻ وقت جيڪا ماني کائين، تنهن کي مسلمان________ چوندا آهن.

3. روزي کولڻ وقت جيڪا ماني کائين، تنهن کي مسلمان________ چوندا آهن.

4. رمضان شريف جي مهيني ۾ پڙهي ويندڙ خاص نماز کي ڪهڙي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

________________________________________

باب ٽيون

# مذهبي ڏڻَ يا وڏا ڏينهن

مذهبي ڏڻن کي هر سال مذهبي تهوار ۽ وڏي ڏينهن طور عزت ۽ احترام سان ملهايو وڃي ٿو.

مسلمان عيدالفطر (روزن جي عيد) ۽ عيدالاضحيٰ (قربانيءَ جي عيد) ملهائيندا آهن.



مسلمان عيدالاضحيٰ ملهائي رهيا آهن

عيسائي ڪرسمس ۽ اِيسٽر (Easter) ملهائيندا آهن.



عيسائي ڪٽنب ڪرسمس ملهائي رهيو آهي

يهودي حنوڪا (Hanukkah) ۽ پاس اوور (Pass Over) جا ڏينهن ملهائيندا آهن.



يهودي حنوڪا ملهائي رهيا آهن.

هندو ڏياري ۽ هولي ملهائيندا آهن.



هندو خاندان ڏياري ملهائي رهيو آهي

## عيد الفطر

رمضان شريف جي مهيني ۾ روزن جي پڄاڻيءَ تي، شوال جي پهرين تاريخ تي عيدالفطر ملهائي ويندي آهي. اهو خوشيءَ ۽ برڪت وارو ڏينهن آهي. ان ڏينهن، مسلمان پنهنجي گهرن کي خاص طور سان سينگاريندا آهن ۽ پائڻ لاءِ نوان ڪپڙا ۽ بوٽ خريد ڪندا آهن.



عيد نماز

غريبن کي فطرو ڏنو ويندو آهي، تہ جيئن اهي پڻ عيد جون خوشيون ماڻي سگهن.

عيد جي ڏينهن، مسلمان نوان ڪپڙا پائي عيد نماز پڙهڻ لاءِ عيد گاهہ يا مسجد ڏانهن ويندا آهن.



عيد جون مبارڪون ڏنيون پيون وڃن

عيد نماز پڙهڻ کان پوءِ هو ياڪر پائي هڪ ٻئي کي عيد جون مبارڪون ڏيندا آهن.



ٻارڙا عيد جي خرچي وٺي رهيا آهن

عزيزن، مٽن مائٽن ۽ دوستن کي روبرو يا فون تي عيد مبارڪون ڏيڻ سان گڏ ٻارن کي عيد جي خرچي پڻ ڏني ويندي آهي.



عيد جي ڏينهن، ڪٽنب جا ڀاتي مزيدار کاڌا کائي رهيا آهن

ان ڏينهن عزيزن ۽ دوستن سان گڏ ذائقيدار ۽ لذيذ کاڌا، کيرڻي/ کيرڪارڪون ۽ سيون کائيندا آهن.

عيد جون خوشيون گهڻو ڪري ٽن ڏينهن تائين جاري رهن ٿيون.

سرگرمي:

1. پنجن جملن ۾ ٻڌايو تہ توهان پنهنجو مذهبي ڏڻ يا ڏينهن ڪيئن ملهائيندا آهيو:

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

## عيدالاضحيٰ يا قربانيءَ واري عيد



عيد نماز ادا ڪئي پئي وڃي

**عيدالاضحيٰ قربانيءَ جو ڏينهن آهي.**

**حضرت ابراهيم عليہ السلام هن ڏينهن تي الله تعاليٰ جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ عظيم قرباني پيش ڪئي. ان ڏهاڙي جي ياد ۾، مسلمان مختلف جانورن جي قرباني ڏيندا آهن.**



جانورن جي پڙي

**عيدالاضحيٰ ذوالحج مهيني جي ڏهين تاريخ تي ملهائي ويندي آهي.**

**هن ڏينهن تي عيد نماز پڙهڻ لاءِ مسلمان عيدگاهہ يا مسجد ڏانهن ويندا آهن.**

**ان کان پوءِ هو جانورن جهڙوڪ: ٻڪري، ڍڳين، رڍن يا اٺن جي قرباني ڪندا آهن.**



ورهائڻ لاءِ قرباني جي گوشت جا واٽا (ڀاڱا) ڪيا پيا وڃن

**قربانيءَ جو گوشت غريبن، مٽن مائٽن ۽ دوستن ۾ ورهايو ويندو آهي.**

## يونٽ 1 جي پڇاڙي: مشق

1. الله تعاليٰ، اوهان کي جن نعمتن سان نوازيو آهي، انهن جي تصوير ٺاهيو ۽ ان ۾ رنگ ڀريو.

2. هيٺ ڏنل خانن ۾، الله تعاليٰ طرفان عطا ٿيل نعمتون لکو. اوهان جي سهولت لاءِ هڪ خاني کي ڀريو ويو آهي.

| | | |
|---|---|---|
| | | کاڌو |
| | | |
| | | |

الله تعاليٰ طرفان ڏنل بيشمار نعمتن مان ڪن کي مٿي ڄاڻايو ويو آهي، جنهن لاءِ اسان کي ڏاڍي سڳوري جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي.

3. هيٺيان خال ڀريو:

(i) ايسٽر (Easter) کي ________ مذهب جا پوئلڳ ملهائيندا آهن.

(ii) روزن جي مهيني جي پڇاڙيءَ تي مسلمان ________ ملهائيندا آهن.

(iii) عيدالاضحيٰ، اسلامي مهيني جي ________ ملهائجي ٿي.

(iv) هندو ڌرم وارا هولي ۽ ________ جو ڏڻ ملهائيندا آهن.

(v) عيدالاضحيٰ کي ________ واري عيد پڻ چوندا آهن.

(vi) يهودي ________ ۽ ________ ملهائيندا آهن.

(vii) مسلمان، ٻڪرين، ڍڳين، رڍن ۽ اٺن جي قرباني ________ جي عيد تي ڪندا آهن.

(viii) عيدالفطر جي ڏينهن تي، مهمانن کي کارائڻ لاءِ خاص طور سان مٺيون ________ پيش ڪيون وينديون آهن.

(ix) حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي ولادت جو ڏينهن ملهائڻ واري ڏڻ کي ________ چوندا آهن.

(x) ڏياري جو ڏينهن ________ ملهائيندا آهن.

4. مختلف مذهبن جي مذهبي ڏڻن جون تصويرون "الف" خاني ۾ ڏيڪاريل آهن، "ب" خاني ۾ ان ڏڻ جو نالو لکو "ج" خاني ۾ ان مذهب جو نالو لکو جنهن جا مجيندڙ اهو ڏينهن ملهائيندا آهن.

| "الف" خانو<br>ڏڻن جون تصويرون | "ب" خانو<br>ڏڻن جا نالا | "ج" خانو<br>مذهبي گروهه جيڪو اهو ڏينهن ملهائيندو آهي |
|---|---|---|
|  | | |
|  | | |
|  | | |
|  | | |

5. (الف) توهان جي ڳوٺ يا شهر ۾ جيڪي ٽي ثقافتي ڏينهن ملهايا وڃن ٿا، تن کي لکو.

(i) ____________________ (ii) ____________________ (iii) ____________________

(ب) مٿي ڄاڻايل ثقافتي ڏينهن جي باري ۾ ڪنهن باخبر ۽ ڄاڻو ماڻهوءَ کان ان ڏينهن بابت معلومات حاصل ڪيو. ڪانئس هيٺيان سوال پڇو ۽ ڇڏيل جاءِ تي جواب لکو.

(i) ان جو نالو ڪهڙو آهي؟ جيڪو ڏينهن ملهايو وڃي ٿو ____________________

(ii) اهو ڏينهن ڪڏهن ملهايو وڃي ٿو ؟____________________

(iii) ان ڏينهن کي ڇوٿو ملهايو وڃي؟____________________

(iv) ان خاص ڏينهن تي توهان ڇا ڪندا آهيو؟____________________

____________________

**استاد لاءِ هدايت:** شاگردن کي ٻڌائي تہ ثقافتي ڏينهن ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه، حضرت لال شهباز قلندر رحمة الله عليه ۽ سچل سرمست رحمة الله عليه جا عرس، هارس ۽ ڪيٽل شو (گهوڙن ۽ ٻين جانورن جو ميلو)، انبن جي نمائش، سنڌي ثقافتي ڏينهن (ٽوپي اجرڪ ڏينهن) نؤروز ۽ راڪي ٻنڌڻ جا ڏينهن اچي ٿا وڃن.

# يونٽ 2: اسان جو ملڪ

## شاگردن جي سِکيا جا نتيجا Students Learning Outcomes (SLOs)

### باب پهريون: اسان جو ملڪ پاڪستان

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد سکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- پاڪستان جو نقشو ڪهڙو آهي؟
- پاڪستان جي چئن صوبن جا نالا ڪهڙا آهن؟

### باب ٻيو: اسان جو قومي جهنڊو

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد سکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- قومي جهنڊي جي اهميت ڇا آهي؟
- قومي جهنڊي جي تصوير ٺاهي سگهجي.
- ان ڳالهہ کي سڃاڻي سگهن تہ جهنڊي جا رنگ ۽ نشانيون ڇا ٿيون ظاهر ڪن؟
- ان ڳالهہ کي سمجهي سگهن تہ سڀني ملڪن کي پنهنجا جهنڊا هوندا آهن.

### باب ٽيون: قائدِ اعظم

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد سکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- قائدِ اعظم جي زندگيءَ جا اهم واقعا ڪهڙا هئا؟

(جهڙوڪ: جمڻ جو ڏينهن، پاڪستان جو باني ٿيڻ ۽ هجڻ، هن جون ڪجهہ اهم خدمتون ۽ سندس وفات جي تاريخ).

### باب چوٿون: حڪومت

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد سکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- جهڙيءَ ريت گهر ۾ والدين ڪٽنب جا سربراهہ سمجهيا وڃن ٿا، اسڪول جو انتظام هيڊ ماستر هلائي ٿو، اهڙيءَ ريت ڳوٺ يا شهر جون جوابداريون بہ ڪي ماڻهو پنهنجي مٿان کڻن ٿا.
- حڪومت ڳوٺ ۽ شهر جي ماڻهن کي ڪي سهولتون ۽ خدمتون (مثال طور: پاڻي، روڊ رستا، بجلي، تعليم ۽ اسپتالون) موجود ڪري ڏئي ٿي.
- هنن جا ٽي مکيہ حق آهن:

(i) تعليم پرائڻ جو حق. (ii) راند روند ڪيڏڻ جو حق. (iii) بيمار ٿيڻ جي حالت ۾ علاج جو حق.


باب پهريون

# اسان جو ملڪ پاڪستان

اسان جي ملڪ جو نالو پاڪستان آهي. پاڪستان 14 آگسٽ 1947ع تي وجود ۾ آيو. پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ اسلام آباد آهي.


پاڪستان ۾ چار صوبا آهن: 1. سنڌ 2. پنجاب 3.خيبر پختونخواه (ڪي پي ڪي) 4.بلوچستان

هيٺ ڏنل پاڪستان جي نقشي ڪي ڏسو. ان ۾ توهان ڪي پاڪستان جا صوبا نظر ايندا.




**سرگرمي:**

- ٽٻڪن ڪي مِلائي، پاڪستان جو نقشو ٺاهيو. صوبن جي حدن اندر ڏنل پٽين ليڪن ۾ ان صوبي جو نالو ۽ گاديءَ واري شهر جو نالو لکو.



استاد لاءِ هدايت: پاڪستان جي صوبن جي گاديءَ وارن شهرن بابت شاگردن کي ٻڌايو. اتي جيڪي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، تن بابت ڪين معلومات ڏيو. شاگردن کي ٻڌايو ته گلگت- بلتستان بہ پاڪستان جو حصو آهي.

باب ٻيو

# اسان جو قومي جھنڊو



پاڪستان جو جھنڊو

پاڪستان جو جھنڊو ڏسو. جھنڊي ۾ ٻه رنگ آھن.
هڪ اڇو ۽ ٻيو سائو. اهي رنگ ڇا ٿا ظاهر ڪن؟
سائو رنگ، ڪاميابي ۽ مسلم اڪثريت ڏيکاري ٿو.
اڇو رنگ، امن ۽ اقليت (ٿورائيءَ) بابت ڄاڻ ڏئي ٿو.

**ڇا توهان کي خبر آهي؟**

ته پاڪستان جي جھنڊي جي ڊزائين اميرالدين قدوائي ٺاهي هئي.

پاڪستان جي جھنڊي ۾ هلال (پھرئينءَ جو چنڊ) ۽ تارو، علامت ۽ اهڃاڻ طور ڏنا ويا آهن. اهي علامتون يا نشانيون ڇا ٿيون ظاهر ڪن؟
هلال ترقيءَ جو اهڃاڻ آهي، ته تارو روشني ۽ علم جي علامت آهي.

**سرگرمي:**

1. پاڪستان جو جھنڊو ٺاهيو ۽ ان کي رنگ ڪيو.

پاڪستان جيان، دنيا جي ٻين ملڪن کي به پنھنجا پنھنجا قومي جھنڊا آهن. هيٺ پاڪستان جي پاڙيسري ملڪن جا جھنڊا ڏنا ويا آهن.

2. هيٺيون خاڪو مڪمل ڪريو.

| پاڙيسري ملڪ جو نالو | جھنڊي جو رنگ | اهڃاڻ يا علامتون |
|---|---|---|
| | | |
| | | |
| | | |
| | | |



انڊيا جو جھنڊو



چين جو جھنڊو



افغانستان جو جھنڊو



ايران جو جھنڊو


**استاد لاءِ هدايت:** شاگردن کي ٻڌايو ته مٿي ڄاڻايل جھنڊن ۾ رنگَ ۽ علامتون ڇا ٿيون ظاهر ڪن.

# قائدِ اعظم

قائدِ اعظم محمد علي جناح پاڪستان جو باني آهي. هو 25 ڊسمبر 1876ع تي ڪراچي شهر ۾ ڄائو. هن ابتدائي تعليم ڪراچيءَ جي اسڪول ۾ حاصل ڪئي. ان کانپوءِ هو قانون جي اعليٰ تعليم وٺڻ لاءِ انگلينڊ هليو ويو. واپس اچي هن وڪالت شروع ڪئي.



قائدِ اعظم مطالعو ڪندي



قائدِ اعظم بحيثيت وڪيل



قائدِ اعظم مسلم ليگ جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

وطن ورڻ تي هن انگريزن جي راڄ کان آزادي حاصل ڪرڻ جي هلچل ۾ حصو ورتو.



قائدِ اعظم انگريز سرڪار سان ڳالهيون ڪندي



قائدِ اعظم گورنر جنرل پاڪستان جو حلف کڻي رهيو آهي



ڪراچيءَ ۾ قائدِ اعظم جو مقبرو

قائدِ اعظم پاڪستان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين همخيال ماڻهن سان گڏجي زبردست جدوجهد ڪئي. پاڪستان 14 آگسٽ 1947ع تي قائم ٿيو. هو پاڪستان جو پهريون گورنر جنرل بڻيو. هن 11 سيپٽمبر 1948ع تي وفات ڪئي. هن جو مقبرو ڪراچيءَ ۾ آهي.

**سرگرمي:**

جملا مڪمل ڪري، قائدِ اعظم جي حياتيءَ جو حقيقتن تي ٻڌل فائيل تيار ڪيو.

نالو:__________ جنم جي تاريخ:__________

اسڪول جو نالو:__________ ڏانڌو:__________

ڪاميابيون ۽ حاصلات:__________ وفات جي تاريخ:__________ دفن ٿيڻ جو هنڌ:__________

باب چوٿون

# حڪومت يا سرڪار

توهان جي ڪٽنب ۾ ، اوهان جي گهرَ جون سڀئي ذميواريون ڪير پُوريون ڪندو آهي؟ پڪ ئي پڪ اهي ماءُ، پيءُ يا گهر جو وڏو پُوريون ڪندا هوندا. هڪ ڪٽنب ۽ خاندان جيان ماڻهن جا چونڊيل نمائندا پڻ ملڪ جي سڀني ضرورتن ۽ مسئلن کي منهن ڏين ٿا.

اهڙيءَ ريت ماڻهن جو اهو گروپ يا ٽولو، حڪومت يا سرڪار جوڙي ٿو.

حڪومت ملڪ ۽ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيترائي ڪم ڪري ٿي ۽ ماڻهن جي بنيادي ضرورتن جهڙوڪ: صحت، تعليم وغيره جو خاص خيال رکي ٿي.


سرڪاري اسڪول


بجليءَ جا ٿنيا


ريلوي اسٽيشن


روڊ جي اڏاوت جو هلندڙ ڪم

حڪومت جي پهرين ذميواري ملڪ ۾ امن امان قائم ڪرڻ آهي ته جيئن عوام جي زندگي ۽ مال ملڪيت محفوظ رهن. حڪومت ان ڳالهه جي ممڪن ڪوشش به ڪري ٿي ته ماڻهن کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي، گيس ۽ بجلي مهيا ڪري ڏئي.

حڪومت روڊ، ريلوي اسٽيشنون ۽ هوائي اڏا پڻ ٺهرائي ٿي.

**سرگرمي:**

1. هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(i) حڪومت ڇا کي ٿو چئجي؟ ____________________

(ii) حڪومت جون ٽي اهم ذميواريون ٻڌايو.

(i)____________ (ii)____________ (iii)____________

(iii) توهان جي ملڪ طرفان توهان تي ڪهڙيون جوابداريون عائد ٿين ٿيون؟

(i)____________ (ii)____________ (iii)____________

**استاد لاءِ هدايت:** سوال نمبر iii جا مناسب جواب هي به ٿي سگهن ٿا: اسڪول وڃڻ، تعليم پرائڻ، محنت ڪرڻ، پنهنجي ملڪ کي صاف سٿرو رکڻ، ٽريفڪ جي قاعدن تي عمل ڪرڻ وغيره.

## يونٽ 2 جي پڄاڻي: مشق

### سرگرمي:

1. هيٺيان خال ڀريو: (پاڪستان جي جهنڊي کي ڌيان ۾ رکو)

(i) سائو رنگ ________ ۽ ________ ظاهر ڪري ٿو.

(ii) اڇو رنگ ________ ۽ ________ ڏيکاري ٿو.

(iii) هلال جي علامت ________ کي ظاهر ڪري ٿي.

(iv) تاري جي علامت ________ ۽ ________ کي ظاهر ڪري ٿي.

2. هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(i) اسان جي ملڪ جو نالو ڇا آهي؟

________________________________________

(ii) پاڪستان جي گاديءَ واري شهر جو نالو ڪهڙو آهي؟

________________________________________

(iii) پاڪستان جي قومي ٻولي ڪهڙي آهي؟

________________________________________

(iv) توهان ڪهڙي صوبي ۾ رهو ٿا؟

________________________________________

(v) توهان جي صوبي جي گاديءَ واري شهر جو نالو ڇا آهي؟

________________________________________

(vi) توهان ڪهڙيون ٻوليون ڳالهائي سگهو ٿا؟

________________________________________

(vii) پاڪستان جو باني ڪير آهي؟

________________________________________

3. پاڪستان جي صوبن جا نالا ”الف“ خاني ۾ ڏنا ويا آهن. انهن صوبن جي گاديءَ وارن شهرن جا نالا ”ب“ خاني ۾ ڳالهايون ويندڙ ٻوليون ”ج“ خاني ۾ لکو. هيٺيون خاڪو مڪمل ڪريو

| ”الف“ خانو<br>صوبي جو نالو | ”ب“ خانو<br>گاديءَ وارو شهر | ”ج“ خانو<br>ٻوليون |
|---|---|---|
| سنڌ | | |
| پنجاب | | |
| خيبر پختون خواه | | |
| بلوچستان | | |


4. جھنڊن کي چڱيءَ طرح ڏسو. انھن جي رنگن ۽ علامتن کي سجاڻو ۽ ھيٺيان خال پريو:
جنھن ملڪ جو جھنڊو آھي ان جي نالي کي ڳوليو.




ملڪ جو نالو:________________________

جھنڊي جو رنگ:______________________

جھنڊي تي خاص علامت:________________



ملڪ جو نالو:________________________

جھنڊي جو رنگ:______________________


جھنڊي تي خاص علامت:________________



ملڪ جو نالو:________________________

جھنڊي جو رنگ:______________________

جھنڊي تي خاص علامت:________________



ملڪ جو نالو:________________________

جھنڊي جو رنگ:______________________

جھنڊي تي خاص علامت:________________

جواب آھن: سعودي عرب، جپان، سريلنڪا ۽ يو ڪي (يونائيٽيڊ ڪنگڊمز)

| يونٽ 3: | ڳوٺ ۽ شهر |
|---|---|

## شاگردن جي سِکيا جا نتيجا Students Learning Outcomes (SLOs)

### باب پهريون: ڳوٺاڻي زندگي

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا ته:

- پاڪستان جي گهڻي آبادي ڳوٺن ۾ رهي ٿي.
- ڳوٺن جون بنيادي خصوصيتون (جهڙوڪ: سهوليتون، گوڙ ۽ شور ۾ ماڻهن جي ڪِرت يا ڌنڌو وغيره)
- ڳوٺاڻن جي روزمره جي زندگيءَ جي هڪ جهلڪ (مرد ۽ عورت)

### باب ٻيو: وقت گذرڻ سان ڳوٺ ۾ ڪهڙيون تبديليون آيون آهن

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا ته:

- تحقيق ڪري ٻڌايو ته وقت گذرڻ سان ڳوٺ/شهر ۾ ڪهڙيون تبديليون آيون آهن. (وڏڙن کان، ڪتابن ۽ ٻين ذريعن سان معلومات گڏ ڪيو). پنهنجي نتيجن کي زباني طور ٻڌايو.
- ڳوٺ/شهر جي اهم واقعن جي تصويري وقت-پٽي ناهيو.
- ڳوٺ/شهر جي مکيہ تاريخي شخصيتن جو تعارف ڪرايو. (سياسي، سماجي ۽ ثقافتي ماڻهو).
- ڳوٺ/شهر جي مشهور ماڻهن جي اعليٰ ڪردار ۽ ذاتي خوبين بابت ڄاڻ ڏيو.

### باب ٽيون: شهري زندگي

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا ته:

- ڳوٺ/شهر جي اهم واقعن جي تصويري وقت-پٽي ناهيو.
- ڳوٺ/شهر جي مکيہ ماڻهن جو تعارف ڪرايو.
- شهر/ڳوٺ جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي شخصيتن بابت معلومات ڏيو.
- شهر/ڳوٺ جي مشهور ماڻهن جي اعليٰ ڪردار ۽ ذاتي خوبين بابت ڄاڻ ڏيو.

### باب چوٿون: ماڻهن جا ڌنڌا

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا ته:

- شهر/ڳوٺ جا عام ڌنڌا ٻڌايو. جهڙوڪ موچي، ڳائڻ وڄائڻ وارا، درزي، ڪاسائي وغيره کان علاوه خاص پيشيوار قابليت رکندڙ ماڻهن جو بہ ذکر ڪيو.

### باب پنجون: هڪ ٻئي جو خيال رکڻ

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا ته:

- اهڙين شين بابت ٻڌايو جيڪي شاگرد هڪ ٻئي سان شيئر ڪن ٿا مثال طور رانديڪا وغيره.
- ڏنل تصويرن ۽ آکاڻين مان معلوم ڪريو ته ماڻهو هڪ ٻئي جي مدد ڪهڙيءَ ريت ڪن ٿا. (گهر، ڪلاس، ڳوٺ/شهر ۾)
- ڪو اهڙو واقعو ٻڌايو جڏهن هنن ڪاڏو، رانديڪا ۽ ڪتاب وغيره ڪنهن سان شيئر ڪيا هجن.

# ڳوناڻي زندگي

پاڪستان جي ماڻهن جي گهڻائي ڳوٺن ۾ رهي ٿي. ڪنهن ڳوٺ ۾ گهڻا ته ڪنهن ڳوٺ ۾ ٿورڙا گهر هوندا آهن. زمين تي گهڻي پاڳي پوک ڪئي ٿي وڃي. اڪثر ڳوٺن جا ماڻهو ننڍن گهرن ۾ رهن ٿا، جن جون ڀتيون ڪچي مٽيءَ جي سرنءَ گاري، ڇتيون ڪکن ۽ ڪانن سان ٺهيل هونديون آهن. هاڻي، ڪي ماڻهو پڪين سرن سان اڏيل گهرن ۾ رهن ٿا.



مٽي مان ٺهيل ڪچا گهر ڪکاوين ڇتين وارا



سرن سان اڏيل گهر

ڳوٺ ۾ رهندڙ ماڻهن جي اڪثريت هارپو ڪري ٿي. اهي فصل پوکيندا آهن.
اهي فصل اُپائين ۽ مال پالين. ڳوناڻا ڪي غذائي فصل بہ پوکين ٿا.
اهي جانورن کي ٻني جي ڪم ۾ بہ استعمال ڪندا آهن.



فصل اُپايا وڃن ٿا



مال پاليو وڃي ٿو

اهي فصل جي پيداوار ۽ پاليل جانورن کي مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪري پنهنجو گذر سفر ڪن ٿا.
ڪي هاري ڍڳن ذريعي هر ڏين ٿا، تہ ڪي ٽريڪٽر ذريعي زمين ڪيڙين ٿا ۽ فصل پوکڻ لاءِ زمين کي تيار ڪن ٿا.



هاري ڏاندن ذريعي ٻنيءَ کي هر ڏئي رهيو آهي



هاري ٽريڪٽر هلائي زمين کيڙي رهيو آهي

هاري فصل پوکين ٿا ۽ انهن جي چڱي سار سنڀال لهن ٿا.



هارياڻيون ٻج پوکي رهيون آهن



هاري سارين جو رونبو ڪري رهيا آهن



ٻنيءَ کي پاڻي پهچايو پيو وڃي



هاري پنهنجي فصل جي سنڀال ڪري رهيو آهي

جڏهن فصل پچي تيار ٿيندو آهي ته عورتون ۽ مرد گڏجي لابارو ڪندا آهن. ڪي هاري لاباري لاءِ پراڻا روايتي اوزار استعمال ڪن ته ڪي مشينون استعمال ڪن.



ٿريشر ذريعي اَنُ، ڏار ڪيو پيو وڃي.



هاري فصل لٽي رهيا آهن

اهي ڍڳين، مينهن ۽ ٻڪرين کي ڏُهي، کير واپرائين ٿا ۽ مارڪيٽ ۾ به وڪرو ڪن ٿا.



مردهاري مينهن ڏهي رهيو آهي



ٽرڪ ذريعي کير موڪليو پيو وڃي

گڏهن، اُٺن، ڏاندن ۽ ٽرڪن جي مدد سان زمين جي زرعي پيدائش مارڪيٽ تائين پهچائي وڃي ٿي.





ڏاند گاڏي ۽ ٽرڪ ذريعي زرعي پيداوار مارڪيٽ ڏانهن وڃي رهي آهي.

**سرگرمي:**

ڳوٺ جي هڪ عورت ۽ هڪ مرد جي روزاني زندگيءَ بابت احوال گڏ ڪيو. پوءِ هيٺين جملن کي مڪمل ڪيو.

**(الف)** هڪ ڳوٺاڻي عورت جي روزاني زندگيءَ جو عڪس

(i) مان ____________ وڳي صبح جو اُٿندي آهيان.

(ii) مان نيرن تي________ ڪائيندي آهيان.

(iii) صبح جو مان____________.

(iv) مان منجهند جي ماني________ وڳي ڪائيندي آهيان.

(v) شام جو مان______________________

(vi) منجهند جي مانيءَ کان پوءِ مان ____________.

(vii) مان رات جو __________ وڳي سمهندي آهيان

**(ب)** هڪ ڳوٺاڻي مرد جي روزاني زندگيءَ جي جهلڪ.

(i) مان __________ وڳي صبح جو ننڊ مان اٿندو آهيان.

(ii) مان نيرن تي________ ڪائيندو آهيان.

(iii) صبح جو مان______________________.

(iv) مان منجهند جي ماني________ وڳي کائيندو آهيان.
(v) منجهند جي مانيءَ کان پوءِ مان_______________.
(vi) شام جو مان _______________.
(vii) مان رات جو _______________ وڳي سمهندو آهيان.

هارين کي ڳوٺ ۾ پنهنجي مشينن ۽ اوزارن جي مرمت لاءِ مسترين جي ضرورت آهي.
استادن جي گُهرج آهي، جيڪي انهن جي ٻارن کي تعليم ڏين.
ڊاڪٽرن جي ضرورت آهي ته جڏهن هو بيمار ٿين ته سندن علاج ٿي سگهي.
دڪانن جي گهرج آهي جتان هو پنهنجي روزمره جي استعمال جون شيون خريد ڪري سگهن.
ڳوٺن پرسان ننڍن شهرن ۾ ورڪشاپ، اسڪول، صحت مرڪز ۽ ننڍيون مارڪيٽون آهن، جتي هو پنهنجين ضرورتن کي پورو ڪري سگهن ٿا.


هڪ مڪينڪ ٻنيءَ تي استعمال ٿيندڙ مشين درست ڪري رهيو آهي


واڍو هارين جي گهرج جو سامان ٺاهي رهيو آهي


صحت مرڪز جو عملو بيمار ٻار کي تپاسي رهيو آهي.


استاد ٻار کي پٽيءَ تي پڙهائي رهي آهي

## سرگرمي:

ڳوناٺا ننڍي شهر جو ٽا وجن.
ڳوناٺا ننڍي شهر ڏانهن ان ڪري وجن ٿا ته جيئن:
(i) _______________
(ii) _______________
(iii) _______________
(iv) _______________
(v) _______________

# وقت گذرڻ سان ڳوٺ ۾ ڪهڙيون تبديليون آيون آهن

علي ۽ ثنا جي ڏاڏي کين پنهنجي ننڍپڻ جي ڪهاڻي ٻڌائي رهي هئي.



ڏاڏي ٻارڙن کي ڪهاڻي ٻڌائي رهي آهي



پراڻو اسڪول

آئون ٿورڙن خوشنصيب ٻارن مان هڪ هيس، ڇاڪاڻ ته مان تعليم پرائڻ اسڪول ويندي هيس. اسان جو اسڪول ڳوٺ پرسان ننڍي شهر ۾ هو. مان روزانو وڏو پنڌ طيءِ ڪري اسڪول پهچندي هيس. منهنجو اسڪول هڪ ڪمري واري ڪکائين جهوپڙيءَ ۾ هو. آسپاس جي ڪيترن ڳوٺن جا ٻار هن اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ايندا هئا.



نئون اسڪول

هاڻي اسان جي ڳوٺ ۾ ٻن ڪمرن وارو نئون اسڪول تعمير ٿيو آهي. ڳوٺ جا اڪثر ٻار اسڪول پڙهڻ ويندا آهن.

جڏهن هو پرائمري اسڪول ۾ تعليم پوري ڪندا ته پوءِ ننڍي شهر ۾ قائم سيڪنڊري اسڪول ۾ پڙهڻ بس ۾ چڙهي ويندا.

## سرگرميون:

1. وقت گذرڻ سان ڳوناٺي اسڪول ۾ ڪهڙي تبديلي آئي آهي.

| | ماضيءَ ۾ | هاڻي |
|---|---|---|
| ڪيترا ٻار اسڪول ويندا هئا؟ | | |
| ٻار اسڪول ڪيئن ويندا هئا؟ | | |
| اسڪول ۾ ڪيترا ڪمرا هئا؟ | | |
| اسڪول ڪٿي هئو؟ | | |

2. پنهنجي والدين کان معلوم ڪيو ته اوهان جي ڳوٺ ۾ آمد ورفت جي ذريعن ۾ ڪهڙي تبديلي آئي آهي.تصوير ڪڍي تبديليءَ کي واضح ڪريو.

3. باب پهريون پڙهو ۽ هيٺين خانن کي مڪمل ڪيو، ته جيئن خبر پوي ته ڳوناٺي زندگي ڪيئن پئي تبديل ٿئي.

| | ماضيءَ ۾ | هاڻي |
|---|---|---|
| زمين کي هر ڏيڻ | | |
| فصل پوکڻ | | |
| فصل کي پاڻي ڏيڻ | | |
| فصل لڻڻ | | |
| زرعي پيداوار کي مارڪيٽ تائين پهچائڻ | | |

استاد لاءِ هدايت: جيڪڏهن شاگرد تصوير نٿا ناهي سگهن، ته پوءِ ڪاٺي ڏنل جڳهه تي چنبڙائين.

باب ٽيون

# شهري زندگي

شهر، ڳوٺن کان مختلف آهن.

شهر ڏاڍا مصروف ڪاروباري هنڌ آهن، جتي ماڻهن جي اڪثريت رهي ٿي.



شڪارپور شهر



ڪراچي شهر

شهرن ۾ ماڻهن جي رهائش لاءِ ڪيترن ئي قسمن جا گهر آهن.



اپارٽمينٽ (فليٽ)



بنگلو

تعليم لاءِ شهرن ۾ ڪيترائي وڏا اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون آهن.



سيد پناھ علي شاھ ماڊل اسڪول



ايس ايم لا ڪاليج ڪراچي




سکر ۾ يونيورسٽي

شهرن ۾ ڪيترين ئي اسپتالون ۽ ڪلينڪون آهن، جتي ماڻهن جو بهتر علاج ٿئي ٿو.


حيدرآباد جي ڪلينڪ



شڪارپور جي اسپتال

اتي وندر لاءِ گھڻا پارڪ ۽ راندين جا ڪيترا ئي ميدان آهن.


ڪاليج ۾ راندين جو ميدان


هڪ پارڪ

شهرن ۾ وڏيون مارڪيٽون ۽ تجارتي مرڪز آهن، جتان ماڻهو پنهنجي ضرورت جون شيون خريد ڪن ٿا.


حيدرآباد جي مارڪيٽ



ڪراچيءَ جو خريداري مرڪز

شهرن ۾ وڏيون آفيسون ۽ ڪيترائي ڪارخانا آهن، جتي ماڻهو ڪم ڪن ٿا.



گارمينٽ فيڪٽري



حبيب بئنڪ پلازه

شهرن ۾ ڪيترائي ننڍا وڏا رستا آهن،جن تي ڪارن، بسن، رڪشائن ۽ موٽر سائيڪلن جي پيهه لڳي پئي هوندي آهي. شهر ۾ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ لاءِ ماڻهو اچ وڃ جي انهن ذريعن ڪي استعمال ڪندا آهن.



ڪراچي شهر جي هڪ روڊ جو ڏيک



حيدرآباد شهر جي هڪ روڊ جو ڏيک

ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ حڪومت شهرن ۾ اسڪول، اسپتالون، پارڪ، راندين جا ميدان، روڊ ۽ سرڪاري ٽرانسپورٽ هلائي رهي آهي. حڪومت سڀني شهرين لاءِ اسڪول ۽ اسپتالون قائم ڪري نہ ٿي سگهي. انڪانسواءِ ڪيترين ئي خانگي تنظيمن طرفان تعليمي ادارا ۽ طبي سهولتون مهيا ڪيون وڃن ٿيون، تہ جيئن ماڻهو انهن مان لاڀ پرائي سگهن.

## سرگرميون:

1. ”الف“ خاني ۾ ڄاڻايو تہ شهرن ۾ ماڻهن کي ڪهڙيون سهولتون مهيا ٿيل آهن. ”ب“ خاني ۾ ٻڌايو تہ اهي سهولتون ڇو ڏنيون ويون آهن.

| ”ب“ خانو<br>اهي سهولتون ڇو ڏنيون ويون آهن؟ | ”الف“ خانو<br>شهرن ۾ حاصل سهولتون |
| --- | --- |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |

2. هيٺ ڄاڻايل خاڪي ۾ ڳوٺن ۽ شهرن وچ ۾ فرق کي ظاهر ڪريو.


| شهرن ۾ | ڳوٺن ۾ | |
| --- | --- | --- |
| | | ماڻهن جو تعداد |
| | | گهرن جو انگ |
| | | ماڻهو جيڪي ڪم ڪن ٿا |
| | | اچ وڃ جا ذريعا |
| | | وايو منڊل |

باب چوٿون

# ماڻهن جا ڌنڌا

گذر سفر لاءِ پئسو ڪمائڻ لاءِ شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ماڻهو مختلف قسمن جي ڌنڌن ۽ ڪمن ۾ مصروف رهن ٿا. اُهي جيڪو ڪم ڪن ٿا اُهو سندن ڌنڌو يا ڪرت ليکي ٿي وڃي. پنهنجي گهرجن جي پورائي لاءِ پئسو ڪمائڻ سان گڏ هنن جي ڪرت ۽ ڪم ڪار بين ماڻهن جي مدد ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت اسان جو ملڪ هڪ ٻئي جي ڪم اچڻ واري عمل جي ڪري، رهڻ لاءِ هڪ بهتر جاءِ بڻجي وڃي ٿو.

ڳوٺن ۾ ماڻهن جي اڪثريت جو ڌنڌو ٻني ٻارو ڪرڻ آهي. هاري فصل اُپائين ٿا. اهي مال به پالين ٿا. اسان کي کائڻ لاءِ اناج، ميوا ۽ ڀاڄيون زمين مان ملن ٿيون. ساڳئي وقت ڪارخانن ۽ فيڪٽرين لاءِ ڪچو مال به هاري پيدا ڪري ٿو.



هڪ ڳوٺاڻي عورت مال پئي چاري



هاري ڪوڏر سان ٻني ٺاهي رهيو آهي

ڳوٺن توڙي شهرن ۾ ڪي مرد توڙي عورتون ٽيچر يا صحت سنڀال ورڪر طور ڪم ڪن ٿيون. ڪافي ماڻهن دڪان کوليا آهن ۽ ضرورت جون ڪيتريون شيون وڪرو ڪن ٿا.



دڪاندار



ٽيچر

شهرن ۾ ماڻهو ٻين ڪيترن ئي ڌنڌن ۾ مشغول رهن ٿا.

عام ڊاڪٽر ۽ مختلف بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر شهرن ۾ علاج ڪن ٿا.



هڪ ڊاڪٽر



ڏندن جو ماهر

انصاف ڏيڻ لاءِ جج ۽ وڪيل عدالتن ۾ ڪم ڪن ٿا.



هڪ وڪيل



هڪ جج

ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ پوليس مقرر ڪيل آهي.



پوليس وارو



ٽريفڪ پوليس

وڏن ڪارخانن ۾ مزدور ۽ مئنيجر ڪم ڪن ٿا.



فيڪٽري ۾ ڪم ڪندڙ عورتون



ڪارخاني جو مئنيجر صلاح مشورو ڪري رهيو آهي

ماڻهن جي خدمت لاءِ ٻهاريدار، پلمبر ۽ مڪينڪس موجود آهن.


صفائي ڪندڙ مائي


پلمبر


مڪينڪ

هر ماڻهو پنهنجي ڌنڌي ۾ ڪارائتو ڪم ڪري رهيو آهي. تنهن ڪري هر ڌنڌو اهم آهي. جيڪڏهن ڪنهن به ڌنڌي وارا ماڻهو پنهنجو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏين، ته ان سان بي شمار مسئلا ۽ تڪليفون پيدا ٿي پون. تنهن ڪري اسان کي هر ڌنڌي جي ماڻهوءَ جي عزت ڪرڻ گهرجي. هونءَ به پورهئي ۾ عظمت آهي.

## سرگرميون:

1. ڀن جملن ۾ لکي ٻڌايو، ته هيٺيان ماڻهو ڪهڙو ڪم ڪن ٿا ۽ هنن جو ڪم ڇو اهم آهي؟ آساني لاءِ هڪ مثال حل ڪيو ويو آهي.

بس ڊرائيور بس هلائي ٿو.

بس ڊرائيور مسافرن کي گهر کان اسڪول، ڪم واري جاءِ تي يا دڪانداري لاءِ مارڪيٽ پهچائي ٿو.

هاري ____________________

ٽيچر ____________________

رازو ____________________

پوليس وارو/واري ____________________

درزي ____________________

ڊاڪٽر ____________________

ٻهاريدار ____________________

فيڪٽري ورڪر ____________________

دڪاندار ____________________

2. سجاڻو هينيان ڪير آهن. خاني ۾ ڏنل لفظن جي مدد سان خال ڀريو.

ڪاسائي- موچي- درزي- کير وارو- دڪاندار- گلوڪار- ڀاڄيءَ وارو



مان جوتو پيو سلائي ڪيان

مان________ آهيان



مان وڳو پئي سبان

مان________ آهيان




مان يڪتارو ۽ چپڙي پئي وڄايان

مان________آهيان



مان ڀاڄيون ٿو وڪڻان

مان__________آهيان



مان کير ٿو وڪڻان

مان________ آهيان



مان گوشت پيو وڍيان

مان________ آهيان

باب پنجون

# هڪ ٻئي جو خيال رکڻ

اسان سڀ پسند ڪندا آهيون تہ ڪير اسان سان پيار ڪري ۽ اسان جو خيال رکي. اسان جا ماءُ پيءُ اسان کي ماني کارائين، ڪپڙا پارائين ۽ رهڻ لاءِ جاءِ مهيا ڪن ٿا. ان ڪانسواءِ هو اسان جو هر طرح سان خيال رکن ٿا تہ جيئن اسان کي ڪابہ تڪليف نہ رسي. اسان جا استاد اسان کي لکڻ پڙهڻ سيکارين ۽ حسابن ۾ هوشيار ڪرڻ لاءِ ڏاڍي محنت ڪن ٿا.



ٽيچر شاگرد جي پڙهائيءَ ۾ مدد ڪري رهي آهي



ڏاڏي پنهنجي پوٽي کي ڪارائي رهي آهي

اسان پنهنجي والدين جي گهر ۾ مدد ڪريون ٿا. ڪپڙن ڏئارڻ، ٻنيءَ تي مال چارڻ ۽ سنڀال ڪرڻ ڪانسواءِ هر ڪم ۾ سندن هٿ ونڊايون ٿا، تہ جيئن هنن تي ڪم جو بار هلڪو ٿئي.

اسان پنهنجي ڪلاسين جي لکڻ پڙهڻ ۾ مدد ڪندا آهيون. اسان پنهنجا رانديڪا ٻين سان شيئر ڪندا آهيون ۽ پنهنجي دوستن سان گڏجي راند ڪندا آهيون.



دوست پاڻ ۾ شاپ-شاپ راند ڪيڏي رهيا آهن



ٻار مال کي چارو ڏئي رهيا آهن

پنهنجي گھر وارن ۽ دوستن ڪانسواءِ اسان کي پنهنجي ڪميونٽيءَ ۾ ٻين جو خيال به رکڻ گھرجي.



هڪ ٻار پير مرد کي رستو پار ڪرائي رهيو آهي



بيمار ٻار جي مزاج پرسي ڪئي پئي وڃي

**سرگرمي:**

(الف) جن ٻارن وٽ اوهان کان گھٽ آهي، انهن جي ڪهڙن طريقن سان توهان مدد ڪري سگھو ٿا؟

(i) ____________________

(ii) ____________________

(iii) ____________________

(iv) ____________________

(ب) توهان ڇا محسوس ڪندا، جڏهن توهان کي ڪا ضرورت هجي ۽ ڪو ٻيو توهان جي مدد ڪري؟

استاد لاءِ هدايت: هن سرگرميءَ لاءِ ٻارن کي ننڍن گروپن ۾ ورهايو. هنن کان پڇو ته اهي ڪنهن جو انٽرويو ڪندا ۽ ڪائنس ڪهڙا سوال پڇندا. هنن کي چئو ته پنهنجي نتيجن کي پوسٽرن، زباني تقريرن يا اسڪول جي ٽوئر ڪرڻ ذريعي ٻين سان شيئر ڪن.

## يونٽ 3 جي پڇاڙي: مشق

1. هيٺين تصويرن کي ڏسي ٻڌايو ته هڪٻئي جي مدد ڪهڙن طريقن سان ٿي رهي آهي. هر هڪ مدد کي تصوير هيٺان ڏنل ليڪ تي لکو.



__________



__________



__________



__________



__________



__________

2. هيٺ ڏيکاريل تصويرن کي ڏسي ٻڌايو ته هاري ڪهڙو ڪم ڪري رهيا آهن.



__________



__________



__________



__________



__________



__________

3. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) پنهنجي گهر ۾ ٻين جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ جون ٽي ڳالهيون لکو.

(i) ________ (ii) ________ (iii) ________

(ب) پنهنجي ڪلاس ۾ ٻين جي مدد ڪرڻ جون ٽي ڳالهيون لکو.

(i) ________ (ii) ________ (iii) ________

4. هن يونٽ جا ٻه باب پهريون ۽ ٽيون پڙهو ۽ ٻڌايو تہ ڳوٺاڻي ۽ شهري زندگيءَ جون ڪهڙيون ڳالهيون ساڳيون ۽ ڪهڙيون مختلف آهن. هيٺئين خاڪي کي مڪمل ڪريو.

| ساڳيون ڳالهيون | مختلف ڳالهيون |
|---|---|
| | |
| | |
| | |

5. خاڪو مڪمل ڪيو

| ڳوٺن ۾ هڪجهڙا ڏنڊا | شهرن ۾ هڪجهڙا ڏنڊا | شهرن توڙي ڳوٺن ۾ هڪجهڙا ڏنڊا |
|---|---|---|
| | | |
| | | |
| | | |

6. پنهنجي والدين يا ڏاڏن/نانن کان پنهنجي ڳوٺ/شهر جي ماضيءَ جي اهم شخصيت بابت معلومات وٺو ۽ هيٺيان خال ڀريو.

(i) شخصيت جو نالو:________ (ii) جم جو هنڌ ۽ تاريخ:________

(iii) اها شخصيت ڇا جي ڪري مشهور آهي:________

(iv) هن جون اعليٰ خوبيون هي هيون________ ۽________ (v) هن جي وفات جي تاريخ: ________

7. پنهنجي ڳوٺ/شهر جي تاريخ جي باري ۾ پنهنجي والدين کان سوال ڪريو. حاصل ڪيل معلومات کي مختصر طور بيان ڪريو. جڏهن هو وڏا ٿي رهيا هئا تڏهن هنن جي ڳوٺ/شهر جي صورتحال ڪهڙي هئي؟________

8. توهان ڪهڙي وقت ۾ رهڻ پسند ڪندؤ؟

ڇو ________ .

# يونٽ 4: اسان جا حق ۽ ذميواريون

## شاگردن جي سِکيا جا نتيجا Students Learning Outcomes (SLOs)

### باب پهريون: عزت ۽ وقار جي لحاظ سان اسان سڀ برابر پيدا ٿيا آهيون

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- ماڻهو ڪهڙين ڳالهين ۾ هڪجهڙا ۽ ڪهڙين ڳالهين ۾ هڪٻئي کان مختلف آهن.
- سڀ ماڻهو عزت جي لائق آهن، ڇاڪاڻ تہ پيدائش ۽ انساني وقار جي لحاظ سان اهي سڀ برابر آهن.
- اهي طور طريقا ٻڌايو، جن سان ٻين لاءِ عزت جو اظهار ٿي سگهي.
- پنهنجي واري تي هر ڪم ڪي ٿيڻ ڏيو. تڪڙ ۽ اڳرائي نہ ڪريو. هن اصول جي اهميت کي واضح ڪيو.
- اهڙن موقعن کي ٻڌايو جتي پنهنجي واري لاءِ بيهڻ اهميت وارو آهي.

### باب ٻيو: اسان جا حق ۽ اسان جون ذميواريون سمجهڻ

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- ٻارن جا ٿي حق (جهڙوڪ تعليم جو حق، راند ۽ وندر جو حق، صحت جو حق) انهن کي مليل آهن.
- هر حق لاءِ مقرر ذميواريون (روزانہ اسڪول وڃڻ، هوم ورڪ ڪرڻ، راندين جي سامان جي حفاظت ڪرڻ ۽ ان کي سنڀالي رکڻ، پارڪ مان گُل نہ پٽڻ/چنڻ، ميوا يا ڀاڄيون کائڻ کان اڳ انهن کي گرم پاڻيءَ سان ڌوئڻ وغيره).

### باب ٽيون: ٻين کي معاف ڪرڻ

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- اهو محسوس ڪيو تہ جيڪڏهن اوهان ڳالهايو يا ڪو بہ ڪم ڪريو تا اهو ٻئي کي رنج پهچائيندو. ساڳيءَ طرح ٻيا بہ جي ائين ڪندا تہ توهان کي ڏک رسندو (ڪوڙ ڳالهائڻ، ٻئي کي اڳتي ڌڪڻ، ناشائستا لفظ ڳالهائڻ).
- ٻين کي پهچايل رنج کي دُور ڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ (معافي وٺجي، سوري چئجي، ان ڏس ۾ ڪا خاص ڳالهہ ڪجي تہ جيئن ٻئي جو غم مٽجي وڃي).
- اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ٻيو پنهنجي "چَئي يا ڪَئِي" تي پڇتاءُ ظاهر ڪري ۽ معافي وٺي تہ ان کي معاف ڪري ڇڏجي.

باب پهريون

# عزت ۽ وقار جي لحاظ سان

# اسان سڀ برابر پيدا ٿيا آهيون

دنيا ۾ بيشمار ٻار آهن. سڄيءَ دنيا جا ٻار شان مان ۽ عزت جي لحاظ سان هڪجهڙا جمن ٿا. هيٺ ڏنل تصوير ڏي ڏسو. ان ۾ دنيا جي مختلف حصن جا ڪي ٻار نظر اچن ٿا. اهي ڪن ڳالهين ۾ هڪجهڙا ته ڪن ۾ مختلف آهن. ڇا توهان سوچي سگهو ٿا ته انهن جون ڪهڙيون ڳالهيون ساڳيون ۽ ڪهڙيون مختلف آهن؟



اهي ٻار هجڻ جي حيثيت سان هڪجهڙا آهن. سيني کي پنهنجي پسند ۽ دلچسپي جي مشغولي ۽ عادت آهي. اهي ڪپڙا پائڻ ۽ جيڪي چاهين ٿا اهو ڪرڻ ۾ مختلف آهن.

اسان کي ٻين جي عزت ڪرڻ گهرجي. اسان کي نه رڳو انهن جي عزت ڪرڻ کپي جيڪي اسان جهڙا آهن، پر انهن جي به عزت ڪرڻ گهرجي، جيڪي اسان کان مختلف آهن. هنن جي چمڙيءَ جو رنگ، ٻولي، عقيدو يا هنن جو ٻئي شهر/ڳوٺ ۽ ملڪ سان واسطو هجڻ جي ڪري، اهو ڪنهن به طرح نٿو جڳائي ته اسان هنن کي گهٽ نظر سان ڏسون.

## سرگرميون:

1. اوهان جي پاڙي جا ٻار کھڙين ٻن ڳالھين ۾ اوهان جھڙا آهن.

(i) ______________________________

(ii) ______________________________

2. اوهان جي پاڙي جا ٻار کھڙين ٻن ڳالھين ۾ اوهان کان مختلف آهن.

(i) ______________________________

(ii) ______________________________

3. آکاڻي پڙهو ۽ سوالن جا جواب ڏيو:

سجاد کي پنھنجي اسڪول ۽ پنھنجي دوستن سان پيار هو پر هو هميشہ ٻين جي عزت نہ ڪندو هو. هن کي جڏهن بہ هٿ ڏوئڻا هوندا هئا تہ هو نلڪي تان ٻين کي ڌڪا ڏئي پري ڪري پھريان پاڻ هٿ ڌوئيندو هو. هن جا دوست کيس سمجھائيندا هئا تہ ”سجاد! ٻيلي ائين نہ ڪندو ڪر!“

ڪلاس ۾ پڻ پنھنجي واري ڪانسواءِ، اڳواٽ رڙ ڪري جواب ڏئي ڇڏيندو هو تہ کيس استاد چوندو هو: ”سجاد! ائين نہ ڪر!“

ڪائڻ پيئڻ جي وقفي ۾ بہ هو پنھنجون شيون تہ کائي ويندو هو پر ٻين ڪلاسين جي پليٽ بہ صاف ڪري ويندو هو. هن کي ٻين جو لحاظ نہ هو.

اڄ استاد کيس چيو ”سجاد! اسان کي گڏجي ويھي، پاڻ ۾ ڳالھائڻ جي ضرورت آهي“.
”پلا ٻڌاءِ تہ تنھنجي واري مھل ڪو ٻيو ڇوڪرو جواب ڏئي ۽ تنھنجي پليٽ مان ڪو ٻيو شيءِ کائي وڃي تہ تون ڇا محسوس ڪندين؟

**استاد لاءِ هدايت:** شاگردن کي سمجھايو تہ هڪجھڙائيءَ جي لحاظ سان سيني ٻارن کي بہ اکيون، هڪ نڪ، هڪ وات آهي. سيني کي جذبا ۽ احساس آهن. اکين، وارن ۽ چمڙيءَ جي رنگ، قد، عمر، صلاحيتن، ملڪن، پسند ناپسند جي لحاظ سان اهي مختلف ٿي سگھن ٿا ليڪن ان هوندي بہ اسان کي هر ڪنهن جي عزت ڪرڻي آهي. شاگردن کي سمجھايو تہ ٻين جي عزت ڪرڻ ۽ انھن سان سھڻو سلوڪ رکڻ جي معنيٰ اها آهي تہ اوهان پاڻ سان بہ اهڙي ورتاءُ کي پسند ڪريو ٿا. اسان کي سيني جي عزت ڪرڻ گھرجي، ڇاڪاڻ تہ اسان سڀ پيدائشي طور ۽ انساني وقار جي لحاظ سان برابر آهيون.

سجاد، ڪجهه دير لاءِ سوچيو ۽ پوءِ جواب ڏنو ”مان ان ڪي بلڪل پسند نہ ڪندس“.

هن جي استاد کيس چيو ”ٻيا ٻار بہ ان ڪي پسند نٿا ڪن جڏهن تون ائين ڪرين ٿو. پوءِ هاڻي تنهنجو ڪهڙو ارادو آهي“.

سجاد چيو ”سائين! هاڻي مان ڪوشش ڪندس تہ ٻين سان عزت ڀريو ورتاءُ ڪريان ۽ هنن جي پليٽ مان کائڻ جو شيون نہ کڻان“.

ٻئي ڏينهن ڪلاس ۾ تڪڙو جواب ڏيڻ کان پهريان سجاد پنهنجو هٿ مٿي ڪنيو ۽ پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ لڳو. جڏهن سبق پورو ٿيو تہ استاد کيس چيو ”سجاد، اڄ مون کي اهو ڏسي خوشي ٿي آهي تہ تو وچ ۾ جواب نہ ڏنو ۽ پنهنجي واري لاءِ انتظار ڪيو. تو پنهنجي ڪلاس جي ساٿين جي عزت ڪئي آهي. تمام سٺو!“

1. سجاد ڇا ڪندو هو جنهن تي هن جا دوست ناراض ٿيندا هئا؟

______________________________

______________________________

2. عزت وارو طريقو ڪهڙو هو؟

______________________________

______________________________

3. ”عزت“ جي معنيٰ ڇا آهي؟

______________________________

4. اهو وقت ياد ڪيو جڏهن توهان يا ڪنهن ٻئي، جنهن کي توهان سڃاڻو ٿا، ٻي عزتيءَ وارو طريقو، اختيار ڪيو هجي. هاڻي، هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

ڪنهن جو طريقو عزت ڀريو نہ هئو؟

______________________________

هن ائين ڇو ڪيو؟

______________________________

توهان يا اهو ٻيو شخص ٻئي دفعي ڪيئن عزت ڀريو ورتاءُ ڪري سگهي ٿو؟

______________________________

**استاد لاءِ هدايت:** ڪلاس جي ٻارن کي آڪاڻي ٻڌايو ۽ کين چئو تہ سوالن جا زباني جواب ڏين. ان کان پوءِ کين چئو تہ خالي ڏنل جڳهہ ۾ درست جواب لکو.

# اسان جا حق ۽ اسان جون ذميواريون

**سرگرمي:**

(الف) تصوير ڪڍي يا پنج ڳالهيون لکي ٻڌايو ته هر ڪو ٻار ڪيئن خوشي محسوس ڪري سگهي ٿو.

(ب) هاڻي انهن کي هيٺين ٻن خانن ۾ ڇانٽيو ”هن جي ضرورت آهي“ ۽ ”هو چاهي ٿو“:

| هو چاهي ٿو<br>(ضروري ته ناهن پر هو چاهي ٿو ته هن وٽ هجن جهڙوڪ بروسٽ چڪن، ڪار وغيره) | هن جي ضرورت آهي<br>(صحتمند ۽ خوش زندگي گذارڻ لاءِ جهڙوڪ کاڌو، ڪپڙا، گهر وغيره) |
|---|---|
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |

(ج) جيڪڏهن اوهان جون ضرورتون پوريون نه ٿينديون ته ان جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟

---

ٻارن جا حق ان ڳالهه جي خاطري ڪرائين ٿا ته صحتمند ۽ خوش زندگي گذارڻ لاءِ ٻارن جون بنيادي گهرجون پوريون ٿيڻ گهرجن، ته جيئن اهي ذميوار شهري بڻجي سگهن.

ٻارن جا ڪي حق هي آهن:

- زندگي جو حق (زنده رهڻ جو حق).
- نالي ۽ قوميت جو حق (ته هن جو به ڪو ملڪ آهي).
- ڪٽنب ۾ رهڻ جو حق جتي هن جي سار سنڀال لڌي وڃي ٿي.
- ايذاءُ ۽ غلط ورتاءُ کان بچاءَ جو حق (جسماني توڙي روحاني).
- صحت جو حق.
- کاڌي، ڪپڙي لٽي ۽ محفوظ هَنڌ، رَهڻَ جو حق.
- بهتر تعليم جو حق.
- راند روند ۽ آرام جو حق.

اوهان جي وڏن، والدين، استادن ۽ حڪومت تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته ان ڳالهه جي پڪي خاطري ڪن ته توهان ڪي توهان جي حقن جي ڄاڻ آهي ۽ توهان کي توهان جا حق واقعي ملن ٿا.

**سرگرمي:**

سوالن جا جواب ڏيو:

(i) ٻارن جا حق ڇا آهن؟

---

(ii) ٻارن جا ڪي به پنج حق ٻڌايو.

---

(iii) ٻارن جا حق ڇو ضروري ۽ اهميت وارا آهن؟

---

(iv) متي ڏنل حقن کي ڏسي ٻڌايو ته توهان کي ڪهڙا حق حاصل آهن؟

---

(v) ٻارن کي حق ڪير ڏئي ٿو ۽ ڪير انهن حقن جو بچاءُ ڪري ٿو؟

---

توهان جي حقن سان گڏ، توهان جون ڪي ذميواريون پڻ آهن. پنهنجي حقن ۽ ذميوارين جي ڄاڻ معنيٰ ته توهان ان ڳالهه جي خاطري ڪئي آهي ته اوهان کي پنهنجا حق ملن ٿا ۽ اوهان پنهنجون ذميواريون پوريون ڪريو ٿا.

توهان تازو پڙهي آيا آهيو ته توهان کي سٺي تعليم حاصل ڪرڻ جو حق آهي. هاڻي اهو اوهان جو فرض ۽ ذميواري آهي ته روزانه اسڪول وڃو، ڪلاس ۾ استاد جيڪو به ڪم استاد ڏئي تنهن کي پوروڪريو.هوم ورڪ باقاعدگيءَ سان ڪيو ۽ امتحان ۽ ٽيسٽ لاءِ سخت محنت ڪري پڙهو.

**سرگرمي:**

ڪالم ”الف“ ۾ ڄاڻايل هر هڪ حق لاءِ ڪالم ”ب“ ۾ تي ذميواريون لکو

| ”الف“ خانو حق | ”ب“ خانو ذميواريون |
|---|---|
| ڪتبن ۾ رهڻ جو حق جتي اوهان جي سار سنڀال لڌي وڃي ٿي | |
| راند ڪيڏڻ جو حق | |
| صحت جو حق | |
| ڪاڏي ۽ ڪپڙي لٽي جو حق | |

باب ٽيون

# ٻين کي معاف ڪرڻ

ڪڏهن ڪڏهن اسان ڪجهه اهڙو ڳالهائي ويندا آهيون يا اهڙو ڪجهه ڪري وجهندا آهيون، جنهن ڪري ٻين جي جذبات کي ڏک رسندو آهي. ڪڏهن وري ٻين جا ڳالهايل لفظ ۽ عمل اسان کي ايذاءُ پهچائيندا آهن.



ڇوڪري لنچ باڪس کسي رهي آهي

ڪوڙ ڳالهائڻ، ڌڪا ڏيڻ، گاريون ڏيڻ، خراب ڳالهائڻ سان ماڻهو ٻئي کي رنج پهچائي سگهي ٿو. جيڪڏهن اسان ڪنهن کي ڏک پهچايون يا سندس احساس کي ايذايون ته اسان ”سوري“ sorry معنيٰ ”مون کي افسوس آهي“ ”مون کي معاف ڪجو“ چوڻ گهرجي.




ڇوڪري ان عمل تي سوري چئي رهي آهي

اسان کو اهڙو خاص رويو اختيار ڪريون جيڪو ظاهر ڪري ته اسان اهو چاهيون ٿا ته هو اسان کي معاف ڪري ڇڏي.




هِن جي مدد ڪري رهي آهي ۽ ڪيس ايذائڻ تي افسوس ڪري رهي آهي

”سوري“ چوڻ سان يا ڪو خاص عمل ڪرڻ جو مطلب اهو ٿيو ته اسان هن جي غم کي ميسارڻ چاهيون ٿا.

جڏهن ٻيا اسان کي ايذائين ته اسان کي انهن کي معاف ڪري ڇڏڻ گهرجي.

**استاد لاءِ هدايت:** شاگردن کان هڪ سوال پڇو. ڪين سوچڻ لاءِ وقت ڏيو ۽ چئو ته زباني جواب ڏين. شاگردن کي وضاحت ڪري ٻڌايو ته معاف ڪرڻ جو مطلب اهو آهي ته اهي ٻيهر ڪنهن کي ايذاءَ نه پهچائيندا.

## سرگرميون:

1. ان وقت کي ياد ڪريو، جڏهن توهان ڪنهن کي يا ٻئي ڪنهن توهان کي ايذايو ۽ رنجايو هجي:

ان ڳالهه کي چئن جملن ۾ بيان ڪريو.

(i) توهان جي دوست ڇا ڪيو؟

___

(ii) توهان ڇا ڪيو؟

___

(iii) ان ڳالهه تي توهان ڇا محسوس ڪيو؟

___

(iv) جيڪڏهن ائين وري ٿئي ته توهان ڇا ٿا ڪري سگهو؟

___

2. آکاڻي پڙهو ۽ سوالن جا جواب ڏيو:

ساره ۽ انعم بهترين ساهيڙيون هيون. هڪ ڏينهن صبح جو ساره ڏٺو ته انعم ٻيءَ ڇوڪريءَ سان راند ڪيڏي رهي هئي، جنهن تي هوءَ ناراض ٿي وئي. ڪجهه وقت کان پوءِ انعم ساره کي چيو ”اچ ته راند ڪيڏون!“ ساره جواب ڏنو ”مان توسان راند ڪانه ڪيڏنديس. وڃ، وڃي پنهنجي نئين ساهيڙيءَ سان راند ڪر. تون هاڻي منهنجي عزيز ساهيڙي ناهين!“





”تون ٻارڙي آهين!“ اهو چئي انعم هلي وئي.







ساره به هلي وئي. هوءَ انعم تي ڏاڍي ڪاوڙيل هئي، پر هوءَ اداس پڻ هئي. هوءَ سوچڻ لڳي ته هن انعم سان ڪيڏي پيار سان رانديون ڪيڏيون جهڙوڪ. هائوس-

هائوس، اڪبوٽ، ڪرڪيٽ وغيره.



جڏهن انعمرگهر پهتي تہ ساره اتي سندس انتظار ڪري رهي هئي. ساره چيو: ”مون کي افسوس آهي تہ مون توسان سخت رويو اختيار ڪيو. حقيقت ۾ مون کي ڏاڍو ساڙ ٿيو، جڏهن تون ٻيءَ ڇوڪريءَ سان راند ڪيڏي رهي هُئينءَ“.
انعمروراڻيو ”مون کي ڏک آهي تہ مون کي ”ٻارڙي“ سڏيو. تون منهنجي بهترين دوست آهين. مان ڪڏهن بہ تنهنجي دل نہ رنجائيندس“.
ٻنهي ساهيڙين هڪٻئي کي ڀاڪر پاتو.






(i) ساره جڏهن انعمرکي ٻيءَ ڇوڪريءَ سان ڪيڏندي ڏٺو تہ هن ڇا محسوس ڪيو؟

---

(ii) ساره جڏهن گهر وڃي رهي هئي، تڏهن هن ڇا پئي سوچيو؟

---

(iii) ٻنهي ڇوڪرين پاڻ ۾ ڪيئن ناهہ ڪيو؟

---

(iv) ڇا توهان سمجهو ٿا تہ ساره درست طريقو اختيار ڪيو؟

---

استاد لاءِ هدايت: ڪلاس کي آڪاٽي پڙهي ٻڌايو ۽ انهن کان هيٺين سوالن جا زباني جواب وٺو.

## يونٽ 4 جي پڄاڻي: مشق

1. جهڙو پارڪ توهان چاهيو ٿا، ان جي تصوير ٺاهيو ته جيئن اوهان کي اتي راند کيڏڻ جو حق حاصل ٿئي.

2. پنهنجي ڳوٺ، شهر، ڪلاس ۽ گهر ۾ ٻين جي مدد ڪرڻ ۽ هٿ ونڊائڻ لاءِ اوهان ڇا ڇا ڪري سگهو. هيٺئين خاڪي ۾ ڏنل خانن ۾ تفصيل درج ڪريو.

| گهر ۾ | ڪلاس ۾ | ڳوٺ / شهر ۾ |
|---|---|---|
| 1 ______ | 1 ______ | 1 ______ |
| 2 ______ | 2 ______ | 2 ______ |

3. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(i) توهان جو دوست ڪير آهي؟

______

(ii) توهان ڪهڙين ڳالهين ۾ پنهنجي دوست جهڙا آهيو؟

______

______

(iii) توهان ڪهڙين ٻن ڳالهين ۾ پنهنجي دوست کان مختلف آهيو؟

______

______

(iv) جيڪڏهن اوهان جو پنهنجي دوست سان ڪنهن ڳالهه تي اختلاف ٿي پئي ته پوءِ توهان ڇا ڪندؤ؟

______

4. هنن شخصن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ صحيح جواب آڏو (✓) نشان لڳايو.

(الف) بينا ۽ سليم گڏن ۽ گڏين سان راند ڪيڏي رهيا آهن. واڳٽائي چولو پاتل گڏيءَ سان بينا گهڻي وقت تائين راند ڪيڏي،هاڻي سليم جي دل پئي چئي ته ان سان راند ڪري.هن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

(i) بينا کي چئي ته مهرباني ڪري مون کي کيڏڻ جو وارو ڏئي.
(ii) واڪو ڪري چئي "مون کي گڏي ڏي" ۽ بينا کان گڏي کسي وٺي.
(iii) بينا کي ڌڪ هڻي ڪائنس گڏي ڦري وٺي.

(ب) ثنا وڊيو راند کيڏي پئي. هاڻي ريحان چاهي ٿو ته هو به راند کيڏي پر ثنا ڪيس وڊيو راند کيڏڻ لاءِ نٿي ڏئي. ريحان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

(i) ثنا کان زوري وڊيو راند ڦري وٺي.
(ii) راند کيڏڻ کان پهريائين اهو فيصلو ڪري ته ڪير ڪيتري وقت تائين راند ڪندو ۽ پوءِ ٻئي کي وارو ڏيندو.
(iii) ثنا چيو ته مون کي وارو ڏنو وڃي.

(ج) سارا ۽ فهد ڊرائينگ ڪري رهيا آهن. سارا وٽ ڳاڙهي رنگ جو چاڪ ڪونهي پر فهد وٽ اهو آهي. سارا کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟
(i) فهد کان پڇڻ بنا ڳاڙهو چاڪ کڻي.
(ii) فهد کان اجازت وٺي ته ڇا هوءَ سندس ڳاڙهو چاڪ استعمال ڪري سگهي ٿي.
(iii) ڳاڙهي بدران ٻيو رنگ استعمال ڪري.

5. هيٺيون ڳالهيون ٻارن وچ ۾ اڪثر ڪري ٿينديون رهن ٿيون.

توهان جي خيال ۾ مانائتو طريقو ڪهڙو آهي؟
صحيح جواب آڏو (✓) جو نشان لڳايو.

(الف) سونيا جي ٽيچر، سونيا کي چيو ته جن رانديڪن سان هن راند پئي ڪيڏي اهي پَٽَ تان کڻي. ٽيچر کي مان ڏيڻ لاءِ سونيا کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟
(i) رانديڪن کي پَٽَ تان کڻڻ گهرجي.
(ii) ٽيچر کي وڏي واڪي چئي ڏئي "نه"!

استاد لاءِ هدايت: سوال نمبر 4، 5 ۽ 6 ۾ انهن جي ڀاڱي کي وڏي آواز سان ڪلاس کي پڙهي ٻڌائي ۽ ڪين چئي ته صحيح جواب جي چونڊ ڪن، جيڪڏهن لفظ سولا آهن ته پوءِ شاگردن کي چئو ته اهي ڀاڱن کي پاڻ پڙهن.

(ب) بابر جي ياءُ، هن کان چڪر لڳائڻ لاءِ سائيڪل ورتي. اتفاق سان هن کي گپ چڪ مان لنگهڻو پيو ۽ سائيڪل گندي ٿي وئي. توهان جي خيال ۾ سنو ۽ شائائتو طريقو ڪهڙو آهي.

(i) بابر کي گندي سائيڪل موٽائي ڏئي.

(ii) بابر کي سائيڪل موٽائڻ کان پهريان ان کي چڱي طرح ڌوئي صاف ڪري.

(ج) اينجيلا ۽ نورين ڪلاس کي آڪاٽي ٻڌائڻ لاءِ انتظار ڪري رهيون آهن. نورين پهريان ٻڌائڻ لاءِ بيچين آهي ۽ پرٽيچر اينجيلا کي چيو ته پهريان آڪاٽي هوءَ ٻڌائي. نورين لاءِ سهڻو طريقو ڪهڙو آهي؟

(i) پنهنجي واري جو انتظار ڪري.

(ii) پنهنجي آڪاٽي ٻڌائڻ شروع ڪري جڏهن ته اينجيلا پنهنجي آڪاٽي ٻڌائي رهي آهي.

6. ڪڏهن ڪڏهن هيٺيون ڳالهيون ٻارن وچ ۾ ٿي ويندون آهن. توهان جي خيال ۾ ڪهڙيون ڳالهيون درگذر ڪرڻ واريون آهن. صحيح جواب سامهون (✓) جو نشان لڳايو.

(الف) امير ۽ بلال بلاڪن سان راند ڪيڏي رهيا آهن.

بلال انهن بلاڪن سان هڪ وڏو ٽاور منارو ناهي رهيو آهي. امير سعيو ڪري بلال جي وڏي ٽاور کي ڊاهي ٿو.

بلال کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

(i) امير کي چئي ته هو سندس بلاڪن جو ٽاور ڊاهڻ تي ساڻس ناراض آهي ۽ ڪيس چئي ته ٽاور کي وري جوڙڻ ۾ هو سندس مدد ڪري.

(ii) امير جي بلاڪن کي ڊاهي ڇڏي.

(ب) طاهره ۽ ڪرن پاڻ ۾ طئي ڪيو ته هو اسڪول پوري ٿيڻ بعد گڏجي راند ڪيڏنديون. پر ڪرن سُوسيءَ کي چوي ٿي ته اُها سندس گهر راند ڪيڏڻ اچي. طاهره کي ڇا ڪرڻ گهرجي.

(i) ڪرن کي چئي ته هوءَ هن سان ڪڏهن به نه ڳالهائيندي.

(ii) ڪرن کي چئي ته هوءَ سندس رويي جي ڪري ڏاڍي پريشان ۽ ناراض آهي، پر ان هوندي به هوءَ سندس دوست ٿي رهڻ چاهي ٿي.

(ج) حرا ۽ لينا ڪيتري وقت کان هڪ ٻئي جون ساهيڙيون آهن. هڪ ڏينهن هو پاڻ ۾ راند ڪيڏي رهيون هيون ته حرا لينا لاءِ نامناسب لفظ چيا. بعد ۾ هن ان تي پڇتاءُ جو اظهار ڪندي ”سوري“ ڪيو. هاڻي لينا کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ صحيح جواب سامهون (✓) جو نشان لڳايو.

(i) لينا حرا کي چئي ڇڏي ته هوءَ ساڻس دوستي رکڻ نٿي گهري.

(ii) لينا ڪيس چئي ته سندس جذبن کي مجروح ڪيو آهي. هن جي دل کي رنجايو آهي، ڇاڪاڻ ته هن غلط لفظ ڳالهايا آهن، پر ان هوندي به هوءَ سندس دوست ٿي رهندي.

7. پنهنجي والدين/ماءُ پيءُ/ استادن کان معلوم ڪريو تہ حڪومت توهان کي هيٺيان حق ڏيڻ لاءِ ڇا ڪيو آهي. خانن کي مڪمل ڪريو

| توهان جا حق | اهو حق ڏيڻ لاءِ سرڪار ڇا ڪيو آهي |
|---|---|
| ناليءَ قوميت جو حق | ______________ |
| تعليم جو حق | ______________ |
| صحت سنڀال جو حق | ______________ |
| راند روند ڪيڏڻ جو حق | ______________ |

## واڌو سرگرمي:

پنهنجي ڪلاس جي ساٿين سان گڏ هيٺيون نظم پڙهو.
ان ۾ ٻڌايل ڳالهين تي عمل ڪيو.

### معاف ڪرڻ بابت نظم

آهيو جيسين جيئرا
رکو ياد هر دم
ڪرڻ معاف آهي
سٺي ڳالهہ بيشڪ
”وسارڻ ۽ بخشڻ“
سبق سوپ وارو
اجورو انهيءَ جو
ملي رب کان بهتر

# يونٽ 5: ذرتي ۽ ان جا وسيلا

## شاگردن جي سِکيا جا نتيجا Students Learning Outcomes (SLOs)

### باب پهريون: اسان جي ڌرتي، اسان جو ماحول

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- اهو سڃاڻي ۽ سمجهي وجن تہ قدرتي ماحول ۾ جاندار ۽ بي جان شيون شامل آهن.

### باب ٻيو: قدرتي وسيلا

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- ڪن قدرتي وسيلن جا نالا ٻڌائي سگهن.
- قدرتي وسيلن جي اهميت بيان ڪري سگهن.

# اسان جي ڌرتيءَ، اسان جو ماحول

اسان ڌرتيءَ تي رهون ٿا. اسان جي آسپاس جيڪي بہ شيون آهن، اُهي اسان جي ماحول ۾ شامل آهن.

پنهنجي چوڌاري نهاريو. توهان ڇا ٿا ڏسو پسو؟ توهان ماڻهن، ٻوٽن ۽ جانورن کي ڏسو ٿا.

توهان عمارتون، ڪارون ۽ بسون پڻ ڏسو ٿا. انهن مان ڪي جاندار شيون آهن تہ ڪي بي جان.

جاندار شين کي زنده رهڻ لاءِ هوا، پاڻي ۽ کاڌي جي ضرورت آهي.



ٻوٽا (گل)



جانور



ماڻهو

بي جان شين کي هوا، پاڻيءَ ۽ غذا جي ضرورت نہ آهي.



ميز ۽ ڪرسي



سائيڪل




رانديڪا

## سرگرميون:

1. خانن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو

(i) جانور ______________ شيون آهن. — بي جان / جاندار

(ii) منهنجي ڪرسي __________شيءِ آهي. — بي جان / جاندار

(iii) ٻوٽي کي پاڻي نہ ملي تہ ________ ويندو. — جيئرو ٿي / مري

(iv) فوٽبال پاڻمرادو ڇُري پُري__________. — سگهي ٿو / نٿو سگهي

(v) انب جو وڻ، ڪڪڙيءَ مان وڌي __________ . — سگهي ٿو / نٿو سگهي

اسان جي ماحول ۾ قدرتي توڙي انسان جون ٺهيل شيون موجود آهن.

ڪيترين جاندار شيون جهڙوڪ ٻوٽا ۽ جانور ۽ بي جان شيون جهڙوڪ هوا ۽ پاڻي قدرتي ماحول جو حصو آهن.



قدرتي ماحول

اسان جي آسپاس انسان جون ناهيل شيون ان ماحول جو حصو آهن، جيڪوماحول انسان جو جوڙيل آهي.



انساني ماحول

# قدرتي وسيلا

اهي شيون، جيڪي قدرت طرفان عطا ٿيل آهن ۽ قدرتي ماحول مان حاصل ٿين ٿيون انهن کي ”قدرتي وسيلا“ سڏجي ٿو. اهي وسيلا اسان لاءِ ڏاڍا ڪارائتا آهن.
هيٺ ڏنل تصويرن کي ڏسو. اهي سڀ قدرتي وسيلا آهن.


جانور


ٻوٽا


ٽڪريون


قدرتي نظارو

زمين، پاڻي، ٻوٽا ۽ جانور قدرتي وسيلا آهن.
ايندڙ چئن يونٽن ۾ اوهان انهن قدرتي وسيلن بابت ڄاڻ حاصل ڪندا.

## يونٽ 5 جي پڄاڻي: مشق

1. الله تعاليٰ طرفان عطا ٿيل نعمتن جي تصوير ٺاهيو ۽ ان ۾ رنگ ڀريو.

2. ڪلاس ۾ ڪو رانديڪو (گڏي، ڪار، ٽيڊي رڇ يا بال) آڻيو. ان جي پنهنجي پاڻ سان ڀيٽ ڪريو. هيٺيان خال ڀريو تہ جيئن اوهان ۽ رانديڪي وچ ۾ فرق ظاهر ٿي سگهي.

(i) مان __________ سگهان ٿو. منهنجو رانديڪو __________ نٿو سگهي.

(ii) مان __________ سگهان ٿو. منهنجو رانديڪو __________ نٿو سگهي.

(iii) مان __________ سگهان ٿو. منهنجو رانديڪو __________ نٿو سگهي.

تنهن ڪري مان __________ شيءِ آهيان. منهنجو رانديڪو __________ شيءِ آهي.

3. هيٺ ڏنل تصويرن کي ڏسو ۽ سوالن جا جواب لکو .





تصويرن ۾ توهان ڪهڙا ٿي قدرتي وسيلا ڏسي سگهو ٿا.

(i) ______________ (ii) ______________ (iii) ______________

4. ”الف“ خاني ۾ قدرتي وسيلا ڏنا ويا آهن. ”ب“ خاني ۾ انهن جا فائدا يا استعمال لکڻا آهن. خاڪي کي مڪمل ڪريو.

| خانو ”الف“<br>قدرتي وسيلا | خانو ”ب“<br>اسان ان کي ڪيئن استعمال ڪيون ٿا |
|---|---|
| هوا | |
| پاڻي | |
| ٻوٽا | |
| جانور | |

5. پنهنجي پسگردائيءَ ۾ موجود پنجن ٻوٽن ۽ پنجن جانورن جا نالا لکو.

| ٻوٽا | جانور |
|---|---|
| 1. ________ | 1. ________ |
| 2. ________ | 2. ________ |
| 3. ________ | 3. ________ |
| 4. ________ | 4. ________ |
| 5. ________ | 5. ________ |

## يونٽ 6: زميني وسيلا

### شاگردن جي سِکيا جا نتيجا Students Learning Outcomes (SLOs)

### باب پهريون: زمين

**هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:**

- قدرت طرفان عطا ڪيل زميني وسيلن جي اهميت کي سمجهي سگهن.
- ماڻهو زمين کي ڪهڙيءَ ريت استعمال ڪن ٿا.
- هو ڄاڻي ويندا تہ انسان ذرتيءَ جي وسيلن کي پنهنجي گهرجن ۽ ضرورتن لاءِ استعمال ڪري ٿو (زمين زراعت لاءِ، سمنڊ مڇي مارڻ لاءِ وغيره). اهي ڳالهيون پاڻي واري يونٽ 7 ۾ سمجهايون ويون آهن.

### باب ٻيو: ميدان يا پَٽ

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- قدرتي طور حاصل ٿيندڙ شين ۽ انسان جي ناهيل شين وچ ۾ فرق کي سمجهي سگهن.

### باب ٽيون: جبل

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- اِهو ڄاڻڻ تہ انسان ذرتيءَ جي وسيلن کي پنهنجي گُهرجن لاءِ استعمال ڪري ٿو. مثال طور زمين پوکي راهيءَ لاءِ، سمنڊ مڇي مارڻ لاءِ (هِن بابت يونٽ ست ۾ وڌيڪ ڄاڻ ڏني وئي آهي).جبلن مان معدنيات ۽ مختلف ڪمائتا ڌاتو ملن ٿا.

### باب چوٿون: ٻيلا

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- ٻيلن جي اهميت ڪيتري آهي.
- انسان جي مختلف سرگرمين جي ڪري زمين ڪيئن تباهہ ٿي رهي آهي؟ (وڻن جي واڍي سببان)
- وڻن جي واڍيءَ کي ڪيئن گهٽائي سگهجي ٿو؟ ڪجھ صلاحون ۽ تجويزون ڏيو.

### باب پنجون: زمين جا مسئلا ۽ اسان ان لاءِ ڇا ٿا ڪري سگهون؟

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- اِهو ٻڌائڻ تہ اِنساني سرگرمين جي ڪري زمين تباهہ ۽ برباد ٿي رهي آهي. (وڻن جو بي حساب وڍجڻ).

# زمين



توهان پهرئين ڪلاس ۾ پڙهي آيا آهيو، تہ ڌرتي ٻن حصن، زمين ۽ پاڻيءَ تي مشتمل آهي.زمين، ڌرتيءَ جو پڪو مٿاڇرو آهي. زمين هڪ اهم قدرتي وسيلو آهي. اسان زمين تي رهون ٿا. اسان پنهنجا گهر، اسڪول ۽ اسپتالون زمين تي ناهيون ٿا.



عمارتون، اسڪول ۽ اسپتالون زمين تي اڏيل آهن.

اسان زمين تي پوک ڪري غذائي فصل اُپايون ٿا. ان ڪانسواءِ ٻيا بہ فصل تيار ڪري انهن مان ٻيون ڪارائتيون شيون ناهيون ٿا.



گيس جي چلهي تي ڪاڏو پچي ٿو



سورج مُکيءَ جي پوک جنهن مان ڪاڄرو تيل نهي ٿو

زمين مان معدني پيداوار پڻ ملي ٿي. لوڻ، سون ۽ چاندي معدني پيداوار آهن. لوڻ کاڌي کي ذائقيدار بڻائي ٿو. سون ۽ چانديءَ مان زيور جوڙائجن ٿا. لوهہ مشينن ناهڻ ۾ ڪم اچي ٿو. قدرتي گيس ٻارڻ طور ڪتب آڻجي ٿي.

## سرگرمي:

**ليڪ ذريعي قدرتي وسيلن کي انهيءَ شيءِ جي تصوير سان ملايو، جيڪا ان مان ٺهي ٿي.**

| قدرتي وسيلو | ان مان ٺهيل شيءِ جي تصوير |
|---|---|
|  |  |
|  |  |
|  |  |
|  |  |
|  |  |

باب ٻيو

# ميدان يا پَٽَ

زمين هر هنڌ سڌي سنواٽي ڪانہ آهي. زمين جا ڪي حصا وڏا ۽ تراڪڙا آهن، جن کي ميدان يا پَٽَ سڏجي ٿو. اسان سڌن پٽن ۽ ميدانن تي اڏاوت ڪري پنهنجا گهر، اسپتالون، اسڪول ۽ آفيسون تعمير ڪيون ٿا.






ميدان تي اڏيل گهر ۽ اسپتال

هاري ميداني پٽن تي پوک ڪري اناج اُپائين ٿا، جيڪو انسانن جي کاڌ خوراڪ جي ضرورتن کي پورو ڪري ٿو.

وونئڻن جي فصل مان ڪپهہ ملي ٿي، جنهن مان ڪپڙو ٺهي ٿو.



ڦٽين جو چونڊو



ڪڻڪ جو لابارو

**سرگرمي:**

ميدانن جا ٽي فائدا لکو.

(i)____________________ (ii)____________________ (iii)____________________

# جبل

ڪن هنڌن تي زمين پنهنجي آسپاس جي سطح کان تمام گهڻو اُتانهين ٿي ويندي آهي. اهڙن حصن کي ٽڪريون يا جبل چئبو آهي.





مٺو پاڻي جبلن مان ملي ٿو. جڏهن جبلن تي ڄميل برف رجي ٿي ته پاڻي اتان وهندو ندين ۽ ڍنڍن ڏانهن وهي ٿو. اسان جيڪو پاڻي استعمال ڪيون ٿا، اهو اسان کي ندين ۽ ڍنڍن مان حاصل ٿئي ٿو. جبلن مان معدنيات پڻ ملي ٿي.



**استاد لاءِ هدايت:** شاگردن کي چئو ته توهان جي ويجهڙائيءَ ۾ جيڪي به جبل هُجن، انهن جا نالا ٻڌائين.

## باب چوٿون

# ٻيلا

زمين ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي گھاٽا ۽ ڳُتيل وڻ قدرتي طور پيدا ٿين ٿا. انهن کي ٻيلا چئجي ٿو. هيٺ اسين ڪجھ اهڙن سببن کي بيان ڪريون ٿا، جن مان خبر پوندي ته ٻيلن جي اهيمت ڪيتري آهي .





1. ٻيلا ڪيترن ئي جانورن جي رهڻ جو هنڌ آهن.



2. ٻيلا هوا کي صاف ۽ تازو رکن ٿا.



3. ٻيلن مان ملندڙ ڪاٺ مان ڪيتريون ئي شيون ٺهن ٿيون جھڙوڪ ڊيسڪ، دريون، دروازا، ڪرسيون ۽ ميزون وغيره.



4. ڪن وڻن جو ڪاٺ ٻارڻ جي ڪم اچي ٿو.

**سرگرمي:**

سوالن جا جواب لکو.

(i) ٻيلو ڇا کي ٿو چئجي؟

---

(ii) ٻيلا ڇو اهم آهن؟

---

(iii) جيڪڏهن ٻيلن جا وڻ وڍيا ويندا ته ڇا ٿيندو؟

---

**استاد لاءِ هدايت:** شاگردن کي چئو ته انهن جي ويجهڙائيءَ ۾ جيڪڏهن ڪي ٻيلا هُجن ته، انهن جا نالا ٻُڌائين.

# زمين جا مسئلا ۽ اسان ڇا ٿا ڪري سگهون؟

انساني سرگرمين جي ڪري زمين کي ڏاڍا ڏکيا مسئلا درپيش آهن.

1. اسان زمين تي گند ڪچرو اُڇلائي، ان کي گدلو ۽ غليظ ڪري رهيا آهيون.
2. اسان لڳاتار سال بسال زمين تي فصل اپائي رهيا آهيون. ان کي قدرتي ساهي به نٿا ڏيون ۽ نه وري ان جي پوري سنڀال ٿا ڪيون. ان ڪري زمين جي قدرتي پيداواري صلاحيت ختم ٿي وڃي ٿي.



گند ڪچرو



ڪمند جو فصل

3. ٻيلا وڍي، اسان اتي گهر اڏي ۽ پوک لاءِ زمين تيار ڪري رهيا آهيون. ان ڪانسواءِ وڻ وڍي ڪاٺ به حاصل ڪري رهيا آهيون. ٻيلن کي ختم ڪرڻ سان نه رڳو وڻڪار ختم ٿئي ٿي، پر ان سان گڏ ڪيترائي ٻوٽا ۽ جانورن جا گهر پڻ تباهه ۽ برباد ٿي وڃن ٿا، جن جو وري نهڻ ممڪن ناهي. ان سان جبلن تان ڇپون ڪرن ٿيون ۽ ميداني علائقن ۾ ٻوڏ اچي ٿي.
4. زمين اندر کوٽائي ڪري اسان معدنيات ته حاصل ڪيون ٿا، پر ان ڪري قدرتي ماحول کي ڏاڍو نقصان رسي ٿو.



وڻن کي وڍيو پيو وڃي

**زمين جي سنڀال لاءِ اسان هيٺيون ڳالهيون ڪري سگهون ٿا:**

1. **اسان گهٽائي** (reduce) **وري استعمال** (reuse) **۽ رِي سائيڪل** (recycle) **تي عمل ڪري زمين کي بچائي سگهون ٿا. ڪپڙن، ڪاغذ ۽ ڪاٺ جي شين جي استعمال کي گهٽائي** (reduce) **سگهون ٿا. بوتلن ۽ ڪاغذ کي وري استعمال** (reuse) **۽ رِي سائيڪل** (recycle) **ڪري سگهون ٿا.**
2. **هارين کي پنهنجي ٻنيءَ جي چڱيءَ طرح سار سنڀال لهڻ گهرجي.**
3. **اسان قانون ناهي پنهنجي ٻيلن کي تباهه ٿيڻ کان بچائي سگهون ٿا.**
4. **اسان کي تمام گهڻا وڻ پوکڻ گهرجن.**



**سرگرمي:**

زمين کي متاثر ڪندڙ ڪي ٻه ٽي انساني سرگرميون لکو.

(i) ______________________________

(ii) ______________________________

(iii) ______________________________

زمين جي مسئلن کي گهٽائڻ لاءِ اسان ڪهڙا ٽي قدم کڻي سگهون ٿا؟

(i) ______________________________

(ii) ______________________________

(iii) ______________________________

# يونٽ 6 جي پڇاڙي: مشق

1. ٻيلي جي تصوير ڪڍي ان کي رنگ ڪريو:

2. هيٺيان خال ڀريو. لفظن واري خاني مان مناسب لفظ چونڊيو.
نوٽ: ساڳيو لفظ هڪ کان وڌيڪ دفعا استعمال ڪري سگهجي ٿو.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| هوا | ٽڪري | زمين | معدنيات | ميدان | جبل | پاڻي | ٻيلا |

(i) اسان کي ساهه کڻڻ لاءِ________ گهرجي.

(ii) ___________مان اُپايل اناج اسان جون غذائي ضرورتون پوريون ڪري ٿو.

(iii) سڀني جاندارن کي زنده رهڻ لاءِ هوا، ڪاڌي ۽ _______ جي ضرورت آهي.

(iv) ندين ۽ ڍنڍن مان حاصل ٿيندڙ ___________ اسان پيئون ٿا.

(v) اسان پنهنجا گهر ___________ تي تعمير ڪيون ٿا.

(vi) زمين جي سطح کان مٿانهن علائقن کي _______۽_________ چئجي ٿو.

(vii) سون، چاندي ۽ سنگِ مرمر ______ جا نمونا آهن.


(viii) ٻيلا___________ڪي تازو ۽ صاف رکن ٿا.

(ix) وڏن سڌن سنواٽن زميني حصن کي _______ چئبو آهي.

(x) اها زمين جيڪا تمام گهڻن، گهاٽن ۽ ڳتيل وڻن سان ڍڪيل هجي، ان کي ______ چئبوآهي.

## سرگرميون:

.3 هيٺ ڏنل تصويرن کي ڌسو ۽ ٻڌايو ته ان ۾ ڪهڙي معدنيات استعمال ٿيل آهي. خال ڀريو.


(i) زيور ____________ مان ٺهن ٿا.

(ii) قائد اعظم جو مقبرو ________ مان ٺهيل آهي.

(iii) هي شيخون ________ مان ٺهيل آهن.

.4 هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(i) ٽن قدرتي وسيلن جا نالا لکو.

(i)________________ (ii) ________________ (iii) ________________

(ii) ٽن معدنيات جا نالا لکو،جيڪي توهان استعمال ڪيو ٿا.

(i)________________ (ii) ________________ (iii) ________________

(iii) لوهه معدني پيداوار آهي. اهو ڪيترن شين جي ناهڻ ۾ ڪم اچي ٿو. لوهه مان ٺهيل ٽن شين جا نالا لکو.

(i)________________ (ii) ________________ (iii) ________________

5. ”الف“ خاني ۾ ماڻهو جيڪو ڪم ڪن ٿا، اهو ڏنو ويو آهي. ”ب“ خاني ۾ اهو قدرتي وسيلو لکو، جيڪو اهو شخص پنهنجي ڪم ۾ استعمال ڪري ٿو.

| ”الف“<br>ماڻهو جيڪو ڪم ڪن ٿا | ”ب“<br>قدرتي وسيلو جيڪو استعمال ڪن ٿا |
|---|---|
| توهان شاگرد جي حيثيت سان | |
| هاري | |
| باهه وسائيندڙ ماڻهو | |
| گهر ۾ ڪم ڪندڙ | |
| سونارو | |
| چڙيا گهر ۾ ڪم ڪندڙ | |
| واڍو | |

6. پنهنجي والدين، استادن ۽ ڪتابن ذريعي اهو معلوم ڪيو ته اوهان جي آسپاس ماڻهن جي سرگرمين جي ڪري زمين لاءِ ڪهڙا مسئلا ۽ مشڪلاتون پيدا ٿيون آهن. هيٺ ڇڏيل جاءِ تي انهن کي لکو:

_______________

_______________

_______________

_______________

_______________

استاد لاءِ هدايت: شاگردن جي همت افزائي ڪيو ته جيئن هو انهن قدرتي وسيلن کي ڳولي لهن، جيڪي هو روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪم ۾ استعمال ڪن ٿا. قدرتي وسيلن جي چونڊ ۾ شاگردن جي مدد ڪريو. ڪين ٻڌايو ته ڪم ڪندي ماڻهو ڪيترن ئي وسيلن کي استعمال ڪري ٿو.

# يونٽ 7: پاڻيءَ جا ذريعا

## شاگردن جي سِکيا جا نتيجا Students Learning Outcomes (SLOs)

### باب پهريون: پاڻي

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا ته:

- جاندارن لاءِ پاڻيءَ جي اهميت سمجهڻ.
- پاڻيءَ جي قدرتي وسيلن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- ٻارن جي محلي يا پاڙي ۾ پاڻيءَ جي مکيه ذريعن متعلق ڄاڻڻ.

### باب ٻيو: پاڻي اسان جي گهرن تائين ڪيئن ٿو پهچي؟

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا ته:

- پاڻيءَ جي ذريعن جي اهميت کي ڄاڻڻ.
- روزمره جي زندگيءَ ۾ پاڻي ڪهڙين ڳالهين ۾ استعمال ڪجي ٿو.

### باب ٽيون: پاڻيءَ جي اهميت

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا ته:

- محلي ۾ پاڻيءَ جي اهم ذريعن کي معلوم ڪرڻ.
- اهو ٻڌائڻ ته پاڻي قدرتي وسيلن کان گهرَ جي نلڪن تائين ڪيئن ٿو پهچي؟
- انسان پاڻي ڪيئن ٿا ضايع ڪن.
- پاڻيءَ جي زيان ڪرڻ سان ڪهڙا مسئلا پيدا ٿين ٿا؟

### باب چوٿون: پاڻيءَ جو استعمال ۽ سنڀال

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا ته:

- اهو سمجهڻ ته صاف پاڻي فقط پيئڻ لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي.
- اهو ڄاڻڻ ته اهڙا ڪيترا انسان آهن، جيڪي هميشه پاڻيءَ جي اڻاٺ جو شڪار آهن.
- پاڻي بچائڻ جا طريقا تجويز ڪرڻ.

# پاڻي

اسان کي ڄاڻ آهي تہ ڌرتيءَ جو ٽيون ٽي چوٿون حصو پاڻي ۽ زمين تي ٻڌل آهي. زمين جيان، پاڻي بہ نهايت اهم قدرتي وسيلو آهي.



ڌرتيءَ جو مٿاڇرو

ڇا توهان کي خبر آهي تہ ڌرتيءَ جي مٿاڇري جو لڳ ڀڳ 75 في سيڪڙو يعني ٽي ڀاڱي چار حصو، پاڻيءَ سان والاريل آهي؟ ڌرتيءَ تي موجود اهو پاڻي گهڻي ڀاڱي کارو آهي، جيڪو سمنڊن ۽ مها ساگرن ۾ ملي ٿو. کارو يا لوڻياٺيل پاڻي پيئڻ، وهنجڻ توڙي زراعت لاءِ ڪم آڻي نٿو سگهجي.



سمنڊ

پيئڻ، وهنجڻ ۽ پوک ڪرڻ لاءِ مٺي پاڻيءَ جي ضرورت آهي. مٺو پاڻي دريائن، ڍنڍن ۽ نهرن کانسواءِ زمين هيٺان پڻ ملي ٿو. مِينهن جو پاڻي بہ مٺو آهي.



ڍنڍ




درياءُ



ڪڪر مِينهن آڻين ٿا



کوهہ کوٽي زمين هيٺان پاڻي حاصل ڪجي ٿو



جڏهن سج تيز چمڪندو آهي تہ جبلن مٿان ڄميل برف رِجي پاڻي ٿيندي آهي

### ڇا توهان کي خبر آهي؟

ڌرتي تي موجود ڪُل پاڻيءَ جو هڪ في سيڪڙو پاڻي استعمال جي قابل آهي. باقي کارو پاڻي آهي (سمنڊن جو پاڻي) يا هميشہ ڄميل پاڻي بہ پي نٿو سگهجي، نڪو ان کي ڌوئڻ يا پوک لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

## سرگرميون:

1. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(i) ڌرتيءَ جو مٿاڇرو ڪهڙن ٻن قدرتي وسيلن سان والاريل آهي؟

---

(ii) ڌرتيءَ جي مٿاڇري جو ڪيترو حصو پاڻيءَ سان ڍڪيل آهي؟

---

(iii) کارو پاڻي ڪٿي ملي ٿو؟

---


(iv) مٺو پاڻي ڪٿان حاصل ڪجي ٿو؟

---

(v) ڌرتيءَ تي موجود پاڻيءَ جو وڏو مقدار ڇو پي نٿو سگهجي؟

---

2. هيٺينءَ تصوير کي ڏسو. اوهان کي پاڻيءَ جا مختلف ذريعا نظر ايندا. ڇڏيل جاءِ تي انهن ذريعن جا نالا لکو.



باب ٻيو

# اسان جي گهرن تائين پاڻي ڪيئن ٿو پهچي؟

عام طور سان اسان کي پنهنجي گهرن ۾ پاڻي نلڪن يا کوهن مان ملي ٿو. پاڻي اسان جي گهرن جي نلڪين يا نلڪن تائين ڪيئن ٿو پهچي؟



برف سان ڍڪيل جبل

جڏهن سج چمڪي ٿو ته جبلن تي ڄميل برف رجي پاڻي ٿئي ٿي.



برف جو پاڻي درياءَ جي شڪل ۾

اهو پاڻي دريائن جي شڪل ۾ وهي ٿو.



پاڻي صاف ڪرڻ جا ذخيرا

دريائن مان پاڻي وڏن آبي ذخيرن ۾ گڏ ڪري ان کي صاف ڪيو ٿو وڃي. جيڪو پائيپن ذريعي اسان جي گهرن تائين پهچي وڃي ٿو.




تازو منو پاڻي

اسان جڏهن نلڪيءَ کي کوليون ٿا ته اسان کي پاڻي ملي ٿو.

**سرگرمي:**

خانن ۾ بنيادي لفظ لکو ته جيئن جبلن کان گهر تائين پاڻي پهچڻ جو سرشتو سلسليوار مڪمل ٿي سگهي.




کوهه ۾ پاڻي ڪٿان ٿو اچي؟ جڏهن مينهن وسن ٿا، ته ڪجهه پاڻي زمين جذب ڪري ٿي جيڪو زمين هيٺان موجود رهي ٿو.


ٽيوب ويل



هٿ جو نلڪو


کوهه

اسان کوهه کوٽائي پاڻيءَ کي پمپ ذريعي حاصل ڪري استعمال ڪيون ٿا.

**سرگرمي:**

ٻنهي گلاسن ۾ پيل پاڻيءَ کي ڏسو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.




(i) جيڪڏهن توهان کي پاڻيءَ جا اهي ٻئي گلاس ڏنا وڃن، ته توهان ڪهڙي گلاس جو پاڻي پيئڻ پسند ڪندا؟ ____________________

(ii) ڇو؟ ____________________

باب ٽيون

# پاڻيءَ جي اهميت

سڀني جاندارن کي زنده رهڻ لاءِ پاڻيءَ جي ضرورت آهي. اسان کي پيئڻ ۽ رڌ پچاءُ لاءِ پاڻي گُهرجي. ٻوٽن جي واڌ ويجهه لاءِ پڻ پاڻي ضروري آهي.







ڪي جاندار پاڻيءَ ۾ رهن ٿا.
پاڻي ئي سندن گهر آهي.



ڪي جانور ڪجهه وقت لاءِ پاڻيءَ ۾ رهن ٿا.



ماڻهو پاڻيءَ جي جهازن ۽ ٻيڙين ذريعي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وڃن ٿا.



ماڻهن جي جان ۽ ملڪيت کي باهه کان بچائڻ لاءِ ”باهه وسائيندڙ عملو“ پاڻي استعمال ڪري ٿو.



ڊيمن ۾ پاڻيءَ جي تيز وهڪرن مان بجلي پيدا ڪئي وڃي ٿي.

## سرگرمي:

1. هيٺ ڏنل خاڪي ۾ پاڻيءَ جي استعمال بابت ڪي ڳالهيون ڏنل آهن:

(الف) هر چوڪڙي کي رنگ ڪيو ته جيئن خبر پوي ته توهان ڪنهن مقصد لاءِ ڏينهن ۾ ڪيترا دفعا پاڻي استعمال ڪيو ٿا.

| | ڏند صاف ڪرڻ | وهنجڻ | پيئڻ | رڌ پچاءُ ڪرڻ | ٿانوَ ڌوئڻ | ٻوٽن کي پاڻي ڏيڻ | ڪپڙا ڌوئڻ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .6 | | | | | | | |
| .5 | | | | | | | |
| .4 | | | | | | | |
| .3 | | | | | | | |
| .2 | | | | | | | |
| .1 | | | | | | | |

(ب) توهان جيڪو گراف ٺاهيو آهي، ان کي ڏسو ۽ هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(i) توهان ڪهڙي مقصد لاءِ گهٽ ۾ گهٽ پاڻي استعمال ڪيو؟

____________________

(ii) توهان ڪهڙي مقصد لاءِ گهڻي ۾ گهڻو پاڻي استعمال ڪيو؟

____________________

باب چوٿون

# پاڻيءَ جو استعمال ۽ سنڀال

منو پاڻي ڏاڍو اهم قدرتي وسيلو آهي. سڀني ماڻهن جي گهرجن لاءِ منو پاڻي جهجهي مقدار ۾ موجود ناهي، تنهن ڪري اسان کي ڏاڍي خبرداري سان ان کي استعمال ڪرڻ گهرجي.





عورتون ڏورانهين هنڌ تان پاڻي آڻينديون

- جڏهن ڏند صاف ڪرڻ لاءِ برش ڪيو ته نلڪو کولي نه ڇڏيو.
- وهنجڻ لاءِ گهٽ پاڻي استعمال ڪيو.
- گهر کي ڌوئڻ لاءِ بالٽي يا ڏول استعمال ڪريو. پائيپ سان فرش ڌوئڻ ۾ تمام گهڻو پاڻي ضايع ٿئي ٿو.
- ٿانوَ ڌوئڻ مهل نلڪي کي کولي نه ڇڏيو.
- وهندڙ ٽوٽين، نلڪن ۽ پائيپن جي ٽڪڙي مرمت ڪرايو.
- ٻين کي پاڻيءَ جي بچت ڪرڻ سيکاريو.

## يونٽ 7 جي پڄاڻي: مشق

1. تصوير ناهي ان ۾ ڏيکاريو ته جبلن تي جميل برفَ، پاڻيءَ ۾ ڪيئن تي تبديل ٿئي ۽ هيٺ وَهِي ندين ۽ دريائن جي صورت ڪيئن ٿي اختيار ڪري.

2. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(i) ڌرتيءَ جي مٿاڇري جو وڏو حصو ڇا سان ڍڪيل آهي؟

________________________

(ii) لوڻاٺيل پاڻي سمنڊن ۽ مهاساگرن ۾ ملي ٿو. مٺي ۽ تازي پاڻيءَ جي ڪن ٻه ٽن ذريعن جا نالا لکو.

(الف)________________ (ب)________________ (ج)________________

(iii) زيرِ زمين (زمين هينان) پاڻي ماڻهن جي گهرن تائين ڪيئن ٿو پهچي؟

________________________

(iv) ڪن ٻه ٽن جاندار شين جا نالا لکوجن جي جياپي لاءِ پاڻي نهايت ضروري آهي.

(الف)________________ (ب)________________ (ج)________________

3. پاڻي ڪيئن استعمال ڪجي ٿو؟ هيٺئين خاڪي جا سيئي خانا مڪمل ڪريو:

| جانور پاڻي استعمال ڪن ٿا | مان ۽ منهنجي گهر وارا استعمال ڪن ٿا | هاري پاڻي استعمال ڪن ٿا | ٻوٽا پاڻي استعمال ڪن ٿا |
|---|---|---|---|
| | | | |

4. هيٺ ڏنل تصويرن پرسان ڏنل خانن ۾ ٻڌايو تہ اها ڪهڙي آبي (پاڻي) ذريعي جي تصوير آهي؟







5. ٻڌايو تہ ماڻهو ڪهڙيءَ طرح پاڻيءَ کي ضايع ڪن ٿا هنن کي ائين ڪرڻ بدران ڇا ڪرڻ گهرجي؟
(هڪ خاڪو بڻايو. تصوير کي آڏو رکي، شاگردن کي سمجهايو تہ اسان ڪهڙي مطلب ۽ مقصد سان ائين ڪيون ٿا).

(i) ________________________________

(ii) ________________________________

(iii) ________________________________

(iv) ________________________________

(v) ________________________________

# يونٽ 8: ٻوٽا- انهن جا ڀاڱا ۽ فائدا

## شاگردن جي سِکيا جا نتيجا Students Learning Outcomes (SLOs)

### باب پهريون: اسان جي آسپاس موجود ٻوٽا

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- انهن ٻوٽن جا نالا ۽ سڃاڻپ ڪري سگهن جيڪي هنن جي آسپاس موجود آهن.
- ٻوٽن جي مختلف ڀاڱن ۽ حصن کي سڃاڻي سگهن.

### باب ٻيو: ٻوٽن جا ڀاڱا ۽ انهن جا فائدا

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- پاڙ، پن ۽ گل جي فائدن کي ٻڌائي سگهن.
- مختلف قسم جي پنن بابت ڄاڻ ڏيئي سگهن.
- جن ٻوٽن جون پاڙون کاڌي جي ڪم اچن ٿيون انهن جي سڃاڻپ ڪري سگهن.
- هنن جي آسپاس جيڪي ٻوٽا ٿين ٿا انهن مان ڪهڙا گل ڏين ۽ ڪهڙا گل نٿا ڏين، انهن جا نالا ٻڌائي سگهن.
- اهو ٻڌائي سگهن تہ ٻوٽي جي واڌ ويجهہ لاءِ سٺي زمين ۽ پاڻي درڪار آهي.
- ٻوٽن جا فائدا ٻڌائي سگهن (کاڌي، ڪپڙي ۽ پناهہ وغيره).

باب پهريون

# اسان جي آسپاس موجود ٻوٽا

اوهان پهرئين ڪلاس ۾ پڙهي آيا آهيو تہ اسان جي آسپاس انيڪ ٻوٽا موجود آهن. ڇا توهان ڪن ٻوٽن جا نالا ٻڌائي سگهو ٿا؟ اهي جيڪي اوهان جي گهر، اسڪول، پر واري پارڪ يا ٻنين ۾ ٿين ٿا.

ٻوٽا فطرت جي سهڻين سوکڙين مان هڪ سوکڙي يا تحفو آهن. انهن مان اسان کي ڪيترائي فائدا حاصل ٿين ٿا.


**سرگرميون:**

1. پنهنجي آسپاس موجود ڪن بہ ٽن ٻوٽن جا نالا لکو.

(i)__________ (ii)__________ (iii)__________

2. تصويرن ۾ ڏيکاريل ٻوٽن جا نالا انهن جي هيٺان لکو:







__________ __________ __________ __________

# ٻوٽن جا ڀاڱا ۽ انهن جا فائدا

توهان پهرئين ڪلاس ۾ پڙهي آيا آهيو ته ٻوٽن جا ڪيترا ڀاڱا يا حصا آهن.
ڇا توهان ٻوٽي جي ڀاڱن جا نالا ٻڌائي سگهو ٿا؟
گل، پن، ٿڙ ۽ پاڙون ٻوٽي جا ڀاڱا آهن.




ٻوٽي جو هر هڪ حصو يا ڀاڱو، ڪنهن نه ڪنهن طرح ٻوٽي لاءِ مددگار ثابت ٿئي ٿو. ايندڙ صفحن ۾ توهان پڙهندؤ ته ٻوٽي جو هر هڪ ڀاڱو ان جي واڌ ويجهه ۽ اوسر ۾ ڪهڙو ڪم ڪري ٿو.

**سرگرمي:**

ٻوٽي جي تصوير ناهيو. ٻوٽي جي ڀاڱن تي چٽڪي لڳايو ۽ ان ۾ رنگ ڀريو.

# پاڙون

سيني ٻوٽن کي پاڙون آهن. پاڙون زمين اندر پيهي وڃن ٿيون. انهن پاڙن جون ڪيتريون ئي شاخون ۽ تندون آهن. پاڙن جا هيٺيان فائدا آهن.

1. پاڙن جي ڪري ٻوٽو مضبوطيءَ سان هڪ هنڌ قائم بيهي سگهي ٿو.



**سرگرمي:**

هڪ ٻوٽي کي پاڙن سميت صحيح سلامت آڻيو. پاڙن کي چڱيءَ طرح چڪاسيو.
انهن تي لڳل مٽي ڇنڊيو.

هاڻي پاڙ جي وري جانچ ڪريو. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(i) توهان ڇا ڏٺو؟_______________

(ii) پاڙ کي مٽي ڇو لڳل هئي؟_______________

(iii) پاڙون زمين هيٺان ڇو ٿيون ڄمن؟_______________

(iv) پاڙن کي ننڍيون شاخون ڇو آهن؟_______________

**استاد لاءِ هدايت:** شاگردن کي ٻڌايو تہ پاڙون زمين اندر ٿين ٿيون. اهي اندر ئي اندر ڦهلجي ۽ پکيڙجي وڃن ٿيون ان ڪري مٽي ٻوٽو هڪ هنڌ قائم بيهي رهي ٿو. ٻارن کي ٻڌايو تہ پاڙون کهڙيءَ ريت زمين مان پاڻي ۽ غذائي حصا جذب ڪري ٻوٽي جي مختلف ڀاڱن تائين پهچائين ٿيون.
سرگرمي ۾ ڏنل سوال جو مناسب جواب: پاڻي سوٽي ڪپڙي يا ڪاغذي ٽوال جي مٿين حصن ۾ پهچڻ لڳندو.

2. پاڙون زمين اندر موجود پاڻي ۽ ڪارائتا غذائي جزا ڪٽي سڄي ٻوٽي تائين پهچائين ٿيون.




**سرگرمي:**

**گهربل شيون**

- سوٽي ڪپڙي جو ٽڪرو يا ڪاغذي ٽوال
- پاڻي سان ڀريل ڪوپ

**طريقو**

پاڻي سان ڀريل ڪوپ کڻو. ڪاٽن ڪلاٿ (سوٽي ڪپڙي) يا ڪاغذي ٽوال جي ڪنڊ پاڻيءَ ۾ ٻوڙيو. ڇڱيءَ طرح ڏسو ته ڇا ٿو ٿئي؟

توهان ڇا ڏٺو؟_______________________________________________

3. ڪي پاڙون پاڻ وٽ کاڌو سنڀالي رکن ٿيون. اهڙيون پاڙون اسان جي کائڻ جي ڪم اچن ٿيون جهڙوڪ موري، گجر ۽ ڪچالو.


موري


گجر


ڪچالو

## سرگرميون:

1. هينيان خال ڀريو. لفظن واري خاني کان مدد وٺو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪاڌي | چمن | پاڙن | مدد |

(i) پاڙون زمين اندر __________ ٿيون.

(ii) پاڻي ۽ ٻيا غذائي جزا، ٻوٽي جي ________ ۾ جذب ٿين ٿا.

(iii) اسان ڪن ٻوٽن جون پاڙون ____________ طور استعمال ڪندا آهيون.

(iv) پاڙون، ٻوٽن کي سڌو بيهڻ ۾ ________ ڪن ٿيون.

2. ٽي پاڙون جيڪي توهان ڪائيندا آهيو انهن جون تصويرون ناهيو، نالا لکو ۽ رنگ ڪريو.

## ٿُڙُ



ٻوٽي جي پاڙن ۽ پنن جي وچ واري ڀاڱي کي ٿڙ يا ڏانڊي سڏجي ٿو. ٿڙ مان هينيان فائدا آهن.

1. ٿڙ جي ڪري ٻوٽو سڌو سنئون بيهي ٿو.
2. ٿڙ، ٻوٽي جي ٽارين، پنن، گلن ۽ ميون کي ٽيڪ ڏئي ٿو.
3. ٿڙ ذريعي پاڻي پاڙن مان پنن تائين پهچي ٿو جيڪي ٻوٽي جو کاڌو تيار ڪن ٿا.
4. ڪي ٻوٽا پنهنجي کاڌي جو ذخيرو ٿڙن ۾ گڏ ڪندا آهن. اسان ڪن ٻوٽن جا ٿڙ کائيندا آهيون جهڙوڪ ڪمند.

**استاد لاءِ هدايت:** شاگردن کي سمجهايو ته اهو ٿڙ جو ڪم آهي ته پاڻيءَ کي پنن ۽ گلن تائين پهچائي. اهو پوري ڪاني (Straw) جيان پاڻي مٿي چوسي يا ڇڪي ٿو.

## سرگرمي:



گهربل شيون

- هڪ گلاس
- پن گوبي ٽڙ سميت
- غذائي رنگ (ڳاڙهو يا نيرو، مس به استعمال ڪري سگهجي ٿي)
- پاڻي

طريقو:

پاڻيءَ سان اڌ گلاس ڀريو، ٽڙ سميت پن گوبي پاڻيءَ واري گلاس ۾ وجهو، پاڻيءَ ۾ غذائي رنگ ملايو. گلاس ۾ پاڻيءَ جي ليول تي نشان لڳايو. ٽن ڏينهن تائين چڪاسيندا رهو ته پن گوبي ۾ پاڻي ۾ ڇا ٿو ٿئي؟ هيٺين خاڪي ۾ پنهنجي جانچ جا نتيجا ڄاڻايو.

| ڏينهن | گلاس ۾ پاڻي جي سطح (ليول) | پن گوبيءَ جو رنگ |
|---|---|---|
| .1 | | |
| .2 | | |
| .3 | | |

هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(i) شروعات ۾ پن گوبي جو رنگ ڪهڙو هو؟

---

(ii) تجربي جي پڇاڙي تي پن گوبيءَ جو رنگ ڪهڙو ٿيو؟

---

(iii) پن گوبيءَ جو رنگ مَتجَڻ جو ڪهڙو سبب هو؟

---

(iv) ٽُڙَ جو ڪم ڪهڙو آهي؟

---

# پَنَ

پن، ٻوٽي جي ٽڙ ۽ ٽارين ۾ ٿيندا آهن.
ڪي ڏاڍا سادا پن آهن يعني فقط هڪ پن ٽڙ سان لاڳاپيل هوندو آهي.
ڪي وري گڏيل يا ڳتيل پن هوندا آهن يعني ڪيترائي پن ٽڙ سان چنبڙيل هوندا آهن.



سادو پن



گڏيل پن

پَنَ گهڻو ڪري ساوا ٿين ٿا. ڪي پن ته سڄو سال ساوا هوندا آهن. اهي سدا-ساوا پن سڏبا آهن ٻيا پن پورا بادامي رنگ جا ٿي ڏانديءَ تان ڪري پون ٿا.

پنن جا مختلف ڊول ۽ شڪليون آهن، ڪي ٻنهه ننڍا ته ڪي وڏا پن ٿين ٿا. ڪي پن ته مرڳو سُئيءَ وانگر سنها ۽ چنهبدار آهن، اهي سادا لسا پن آهن. ته ڪي ڪناريدار (Margins) ٿين.



سئيءَ جهڙا پن



سادا لسا پن



ڪناريدار (مارجنس)

پنن جا ڪم ۽ فائدا هيٺ ڏجن ٿا:

1. پن ٻوٽي لاءِ کاڌو تيار ڪن ٿا. اهي پاڻي ۽ ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ هوا مان ڪڍن ٿا ۽ سج جي تپش کي جذب ڪري ٻوٽي کي غذا يا کاڌو فراهم ڪن ٿا.




2. اسان ڪن ٻوٽن جا پن کاڌي ۾ استعمال ڪيون ٿا جهڙوڪ پالڪ، ڦودنو، ساوا ڌاڻا ۽ هُرٻو وغيره.


پالڪ جا پن


ڦودني جا پن


ساون ڌاڻن جا پن


هُرٻو

# گل

گُلَ ٻوٽن جو رنگين ۽ سھڻو ياڱو آھن. گلن جا ھينيان ڪم ۽ فائدا آھن:

1. گلن جي سھڻي رنگت ۽ وڻندڙ خوشبوءِ پوپٽ ۽ ماکيءَ جي مکين کي پاڻ ڏانھن ڇڪي ٿي. پوپٽ ۽ ماکيءَ جون مکيون ٻوٽي جي ڦِرجَڻ ۾ مدد ڏين ٿيون.





پوپٽ ۽ ماکيءَ جي مک گُلن جي مٿان

2. گلن مان ئي ڪيترا ميوا ٿين ٿا جيڪي اسين مزي سان کائون ٿا جھڙوڪ انب ۽ نارنگيون وغيره. ميوي ۾ ٻج ٿئي ٿو جيڪو نون ٻوٽن کي جنم ڏئي ٿو.



انب جو وڻ گلن (ٻور) سان



گُل مَيون سان گڏ



پڪل انب



انب جي ڪکڙي (ٻج)



گلن وارا ۽ گلن ڪانسواءِ ٻوٽا

3. گل اسان جي ماحول ۾ سونھن پيدا ڪن ٿا.

**استاد لاءِ ھدايت:** شاگردن کي سمجھايو تہ ڪھڙي سبب جي ڪري گل تيز چٽن ۽ روشن رنگن وارا ٿين ٿا. شاگردن کي ٻڌايو تہ ٻوٽن جو ڦُرُ ڪٿي ٿئي ٿو ۽ مئگنيفائننگ گلاس (وڏو ڪري ڏيکاريندڙ شيشي) جي مدد سان ڦر ۽ ٻُور جي ڇڪاس ڪن. ھنن کي سمجھايو تہ ڦرجڻ جي عمل ۾ ھنن جو ڪھڙو ڪردار آھي. ڦِرجَڻ بابت ھنن کي معلومات ڏيو ۽ ٻڌايو تہ گل جو ڪم آھي تہ ٻج تيار ڪري.

سيئي ٻوٽا گل ڪونہ ٿا ڏين.

اهي ٻوٽا جيڪي گُلَ ۽ ٻج پيدا ڪن ٿا انهن کي ”گلن وارا“ ٻوٽا سڏجي ٿو.



سورج مُکيءَ جو گل



گلاب جو گُل

اهي ٻوٽا جيڪي گل ۽ ٻج پيدا نہ ٿا ڪن انهن کي ”گلن کانسواءِ“ ٻوٽا چئبو آهي.







### سرگرميون:

1. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(i) گل تيز ۽ چٽن رنگن وارا ڇو ٿيندا آهن؟

---

(ii) ڇا توهان ڪڏهن ڪنهن جيت، پوپٽ يا ماکيءَ جي مک کي گلن تي ويٺل ڏٺو آهي؟ اُهي جيت اُتي ڇا ٿا ڪن؟

---

(iii) گلن جا مکيہ ڪم ڪهڙا آهن؟

---

2. هيٺ ڏنل خانن ۾ تصويرون ناهي ٻڌايو تہ گل مان ميوو (ٻج سميت) ۽ ٻج نئين ٻوٽي ۾ ڪيئن ٿو تبديل ٿئي؟

| زيتون جو گل | زيتون جو ميوو | زيتون جو ٻج | زيتون جو نئون ٻوٽو |
|---|---|---|---|
| | | | |

## يونٽ 8 جي پڇاڙي: مشق

1. (الف) هڪ ٻوٽي جي تصوير ٺاهي ان کي رنگ ڏيو، ٻوٽي جي مختلف ڀاڱن تي ليبل (چٽڪي) لڳائي انهن جا نالا لکو.

(ب) ٻوٽي کي اُسرڻ لاءِ ڪهڙين شين/ ڳالهين جي ضرورت آهي؟

(i) ______________________________

(ii) ______________________________

(iii) ______________________________

(iv) ______________________________

2. هينيان خال ڀريو. لفظن واري خاني مان صحيح لفظ جي چونڊ ڪريو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| گل | ميوو | ٿڙ | پاڙي | ڪاڙو |

(i) پاڙون زمين مان ____________ ڪڍن ٿيون.

(ii) وڻ جي وچئين سڌي حصي کي ________ چئبو آهي.

(iii) ٻوٽي جي رنگين ڀاڱي کي ____________ چوندا آهن.

(iv) پَنَ، ٻوٽن لاءِ ___________ تيار ڪن ٿا.

(v) گلن مان ____________ پيدا ٿئي ٿو.

3. تصويرن کي ڏسي، هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:





(i) ٻوٽن جا نالا لکو:

.1 ______________________________

.2 ______________________________


(ii) ڪهڙي لحاظ سان اهي ٻوٽا هڪجهڙا آهن؟

______________________________

(iii) هنن ٻوٽن ۾ مختلف ڳالهيون ڪهڙيون آهن؟

(جيڪي ٻہ مختلف ڳالهيون، اوهان ڳولي سگهو ، انهن جي تلاش ڪيو. هنن جي پنن، ڏانڊين/ٽڙن، ٽارين گلن ۽ ميون (جيڪڏهن هجي تہ) (اهڙو خاڪو تيار ڪيو جهڙو ٽيڪسٽ ڪاپيءَ ۾ ڏنل آهي) .

3. (الف) هيٺ ڏنل تصوير کي چڱيءَ طرح چڪاسيو. ڪن ڀاڄين تي 0 کان 10 تائين جا انگ ڏنا ويا آهن. ٻڌايو تہ اها ڀاڄي ٻوٽي جو ڪهڙو ڀاڱو سڏجي ٿي.




هيٺ ڏنل خاڪي کي مڪمل ڪيو.

| انگ | ڀاڄيءَ جو نالو | ٻوٽي جو ڀاڱو |
|---|---|---|
| 0 | | |
| 1 | | |
| 2 | | |
| 3 | | |
| 4 | | |
| 5 | | |
| 6 | | |
| 7 | | |
| 8 | | |
| 9 | | |
| 10 | | |

### واڌو يا اضافي سرگرميون

1. پنهنجي پسند جي ميوي جي ٻج سميت تصوير ٺاهيو.

2. ٻوٽا اسان لاءِ ڪهڙين ڳالهين جي ڪري ڪمائتا ۽ فائديمند آهن؟ لفظن واري خاني مان لفظن جي چونڊ ڪريو.

صاف هوا - ڪاڌو - پکين جي پناهه گاهه - اسان لاءِ ڇانوَ - ڪاٺ - سهڻو ماحول
فرنيچر - پنو - ڪپڙو - دوا - ٻارڻ - ڪپهه

| ٻوٽا ڏين ٿا | اسان ٻوٽن مان ٺاهيون ٿا |
|---|---|
| | |
| | |
| | |
| | |

استاد لاءِ هدايت: ٻارن کي چڱي طرح سمجهايو ته ٻوٽن جي ڪهڙي اهميت آهي. ڪين اهو به سمجهايو ته جيڪو اسان ٻوٽن مان حاصل ڪيون ٿا ۽ جيڪي اسان ٻوٽن مان ٺاهيون ٿا ان وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي.

3. ٻن ميون جا نالا لکو جن ۾ ٻج آهي وري ٻن اهڙن ميون جا نالا لکو جن ۾ ٻج ناهي.

(الف) ٻہ ميوا جن ۾ ٻج آهي:

(i) ________________________ (ii) ________________________

(ب) ٻہ ميوا جن ۾ ٻج ناهي:

(i) ________________________ (ii) ________________________

جانچ:

4. ٻہ پنن وارا ٻوٽا کڻو. هڪ ٻوٽي جا پن ڏاڍي خبرداريءَ سان ڌار ڪيو. ٻنهي ٻوٽن کي اس ۾ رکو ۽ ڪجھہ هفتن لاءِ باقاعدگيءَ سان انهن کي پاڻي بہ ڏيندا رهو ۽ انهن جي سنڀال بہ ڪندا رهو. جيڪڏهن ان ٻوٽي ۾ جن جا پن توهان ڇني ڇڏيا هئا، نوان پن ظاهر ٿين تہ انهن کي پٽي ڇڏيو. چڱيءَ طرح جانچي ڏسو تہ ٻنهي ٻوٽن ۾ ڪهڙيون تبديليون ۽ اثر ظاهر ٿين ٿا. انهن کي پني تي لکو.

________________________________________________

________________________________________________

________________________________________________

________________________________________________

بيشڪ، پنن کانسواءِ ٻوٽو کاڌو پيدا ڪري نہ سگھندو ۽ مري ويندو.

# يونٽ 9: اسان جي آسپاس رهندڙ جانور

## شاگردن جي سِکيا جا نتيجا Students Learning Outcomes (SLOs)

### باب پهريون: اسان جي آسپاس رهندڙ جانور

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- انهن جانورن بابت ٻڌائي سگهن جيڪي هو پنهنجي ماحول ۾، هوا، پاڻي ۽ زمين تي ڏسن ٿا.
- هو، اِهو بہ سمجهي ويندا تہ جيڪي جانور خشڪيءَ تي رهن ٿا، اُهي هوا ۽ پاڻيءَ ۾ رهندڙ جانورن کان ڪيترين ڳالهين ۾ مختلف آهن.

### باب ٻيو: جانورن جي رهڻ جا هنڌ ۽ جايون

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- سيني جانورن کي ٻچا آهن جيڪي وڏي وڏا ٿين ٿا.
- مختلف جانورن ۽ انهن جي ٻچن کي ڪهڙن نالن سان سڏجي ٿو. (گهوڙو: وڇيرو-هنج پکي: سِگنيٽ، ڏيڏر: ڏيڏرڙو (tadpole)- پوپٽ:

### باب ٽيون: جانورن جي رهڻ جون جايون

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- جانورن کي بہ پنهنجي گهرن ۽ پناهہ جي ضرورت آهي.
- جانورن جي رهڻ جي هنڌن ۽ جاين جي نالن بابت ڄاڻ

### باب چوٿون: جانور ۽ انهن جا ڦَرَ ۽ ٻچا

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- ڪن جانورن جا ٻچا پنهنجي وڏن جهڙا نظر نہ ايندا آهن (ڏيڏر ۽ پوپٽ).
- انهن جانورن بابت ٻڌائي سگهن جيڪي پنهنجي ٻچن کي ڪير پيارين ٿا ۽ انهن جي تيستائين سار سنڀال لهن ٿا، جيسين اهي وڏا نہ ٿا ٿي وڃن.

# اسان جي آسپاس رهندڙ جانور

**اسان جي چوڌاري ڪيترائي جانور رهن ٿا.**
**ڇا توهان انهن مان ڪن جانورن جا نالا ٻڌائي سگهو ٿا؟**





**جانور به اسان جيان ساهوارا آهن. هنن کي به زنده رهڻ لاءِ پاڻي، کاڌي، هوا ۽ گهر جي ضرورت آهي. اهي هلي ڦري، وڌي ويجهي سگهن ٿا. انهن کي ٻچا به ٿين جيڪي وڏا ٿي جوان ٿين ٿا.**

**سرگرمي:**

ڪن به اهڙن پنجن (5) جانورن جا نالا لکو جيڪي توهان جي آسپاس ماحول ۾ موجود آهن.

(i) ____________________

(ii) ____________________

(iii) ____________________

(iv) ____________________

(v) ____________________

باب ٻيو

# جانورن جي رهڻ جا هنڌ ۽ جايون

جانور مختلف هنڌن تي رهن ٿا.

ڪي جانور خشڪيءَ تي رهن ٿا. انهن کي خشڪيءَ جا جانور چئجي ٿو.



ڪتو



ڍڳي



گهوڙو

خشڪي تي رهندڙ ڪن جانورن کي هلڻ ۽ ڊوڙڻ لاءِ ٽنگون آهن ۽ ٻيا ريڙهيون پائي اڳتي وڌن ٿا.



سانپو



نانگ

ڪي جانور جهڙوڪ پکي ۽ جيت زمين تي به رهن ٿا ته هوا ۾ به اڏامي سگهن ٿا. انهن کي خشڪيءَ تي هلڻ لاءِ ٽنگون ۽ هوا ۾ اڏامڻ لاءِ پر هوندا آهن، هنن جا جسم ڏاڍا هلڪا ٿين ٿا تنهن ڪري سولائيءَ سان اڏامي سگهن ٿا.



مک



ڪبوتر



ڪاڪروچ

ڪي جانور پاڻيءَ ۾ رهن ٿا. انهن کي ”آبي“ يا ”پاڻيءَ جا جانور“ سڏجي ٿو. انهن جانورن جا جسم سنها آهن ۽ اهي کنڀڙاٽين جي مدد سان تري سگهن ٿا.




پاڻيءَ جا جانور (مختلف مڇيون)

ڪي جانور پاڻيءَ ۽ خشڪيءَ تي رهن ٿا. انهن کي reptiles ريڙهيون پائيندڙ جانور (سُرندڙ ساهه وارا) سڏبو آهي.

انهن کي خاص قسم جا پير ٿين ٿا، جن جي مدد سان هو زمين تي هلي ۽ پاڻيءَ ۾ تري سگهن ٿا.



واڳون خشڪيءَ تي



واڳون پاڻيءَ ۾




ڪُمي خشڪيءَ تي



ڪُمي پاڻيءَ ۾

**ڇا توهان کي خبر آهي؟**

ڪي جانور برفاني علائقن ۾ رهن ٿا. هنن جي جسم تي پشم هوندي آهي جيڪا انهن کي سرديءَ کان محفوظ رکي ٿي. مثال برفاني رڇ.



اُٺ بيابان ۾ رهندا آهن. انهن کي ٿُوها هوندا آهن جن ۾ پاڻي ۽ کاڌو ڪيترن هفتن لاءِ ذخيرو ڪري رکندا آهن.



## سرگرميون:

1. خاني ۾ ڏيکاريل جانور هيٺ ڏنل تصوير ۾ ڪهڙي جاءِ تي رهن ٿا.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| مڇي- | طوطو- | ڏيڏر- | بدڪ- | پولڙو- | نانگ- | هرڻ |



2. هيٺين خانن ۾ ٽن جانورن جا نالا لکو:

(i) چئن ٽنگن وارا جانور ___________، ___________، ___________

(ii) پَرن وارا جانور ___________، ___________، ___________

(iii) سُرندڙ جانور ريڙهيون پائيندڙ جانور ___________، ___________، ___________

(iv) کنيڙاٿين وارا جانور ___________، ___________، ___________

3. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(i) پکي پنهنجي پَرن سان ڇا ڪندا آهن؟_______________________________

(ii) مڇي پنهنجي کنيڙاٿين سان ڇا ڪندي آهي؟_________________________

(iii) پنهنجي ڄاريدار يا جهليدار پيرن سان بدڪ ڇا ٿي ڪري سگهي؟____________________

(iv) گهوڙو پنهنجي ٽنگن سان ڇا تو ڪري؟__________________________

(v) جيت پنهنجي پَرن سان ڇا ٿا ڪن؟_______________________________

**استاد لاءِ هدايت:** شاگردن کي سمجهايو تہ قدرت طرفان جانورن کي ڌار ڌار جسماني بناوتون عطا ڪيل آهن تہ جيئن انهن کي پنهنجي ماحول ۾ رهڻ ۾ سهوليت ٿئي. مثال طور زميني جانورن کي ٽنگون آهن تہ جيئن هلي ۽ ڊوڙي سگهن. مڇين جا جسم هلڪا ۽ سنها آهن.کنيڙاٿين ذريعي پاڻي ۾ سولائيءَ سان تري سگهن ٿيون.

باب ٽيون

# جانورن جي رهڻ جون جايون

اسان وانگر جانور بہ گهرن ۾ رهن ٿا. انهن جا گهر مختلف قسمن جا هوندا آهن جيڪي هنن کي جُهڙي ڦُڙي ۽ گرمي سرديءَ کان محفوظ رکن ٿا ۽ پڻ دشمنن جي حملي کان بچائين ٿا. ڪي جانور قدرتي ماحول ۾ رهن ٿا، تہ ڪي وري پنهنجا گهر ۽ رهڻ جون جايون ٺاهي انهن ۾ رهن.



شينهن، چيتا ۽ رڇ ٻُرن ۾ رهن جن کي غارون چوندا آهن.



ڪي جانور زمين اندر ٻِرن ۾ رهن. انهن جي گهرن کي ڏَرِ يا ٻُرَ چون. سهاءِ، نوريئڙو ۽ انڌا ڪئا (Moles) زمين ۾ ٻِرڪري انهن ۾ رهن.

ڪي جانور وڻن ۾ رهن. پولڙا ۽ جيت وڻن تي رهن ٿا.







پکي پنهنجا گهر وڻن ۾ ناهين.
انهن جي گهرن کي آکيرا چئبو آهي.



ماکيءَ جي مک جو گهر سندس مانارو هوندو آهي.



ڪوريئڙو پنهنجو ڄار اُڻي اُن ۾ رهي.



مڇي پاڻيءَ ۾ رهي. پاڻي سندس گهر آهي.

## سرگرميون:

1. هيٺين آکاڻي پڙهي سوالن جا جواب ڏيو:

### ننڍڙو بَنِي (Bunny)

هڪڙي ڏينهن شاهي شينهن پنهنجي جنم ڏينهن تي، جهنگ جي سڀني جانورن کي دعوت ڏني. سڀ جانور آيا پر موڳي مڇي ڪانه آئي ڇاڪاڻ ته اها پاڻيءَ کان سواءِ زنده رهي نه ٿي سگهي. سڀني جانورن کي دعوت ۾ ڏاڍو مزو آيو. جڏهن پارٽي ختم ٿي ته سڀ پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿيا سواءِ ننڍڙي بَنِي جي. هن جا ماءُ پيءُ ڏاڍا پريشان ٿيا جڏهن هو پنهنجي ٻر ۾ ڪونه پهتو. ٻئي بَنيءَ کي ڳولڻ لاءِ جهنگ ۾ نڪري پيا. پهريان هو اينٿوني ماڪوڙيءَ جي ٽڪريءَ تي ويا پر اتي ننڍڙي بَنِي ڪانه هئي پوءِ اهي شاهي شينهن جي غار ڏانهن ويا. سگهاري سرڻ جي آڪيري ۾ ڏنائون پر هن جو پتو نه پيو. ننڍڙي بنيءَ جي ماءُ پيءُ سان جهنگل جا ٻيا سڀ جانور گڏجي بنيءَ کي ڳولڻ لڳا، شرارتي پولڙي هنن کي پنهنجي وڻ تان آواز ڏنو ته هن ننڍڙي بنيءَ کي درياءَ جي طرف ويندو ڏٺو هو. سڀ جانور اوڏانهن ويا ته بني کين ملي ويو. ننڍڙي بنيءَ هنن کي ٻڌايو ته هو موڳي مڇيءَ ڏانهن ويو هو ته جيئن هن کي خوش ڪري سگهي ڇاڪاڻ ته دعوت ۾ نه اچي سگهڻ جي ڪري هوءَ ڏاڍي اُداس ٿي وئي هئي. سڀئي جانور بنيءَ جي انهيءَ ڳالهه تي فخر محسوس ڪرڻ لڳا. هنن کي اتي موڳي مڇيءَ سان ٻي دعوت ڪائيندي ڏاڍو مزو آيو.



استاد لاءِ هدايت: ڪلاس ۾ شاگردن کي آکاڻي پڙهي ٻڌايو ۽ انهن کان زباني سوالن جا جواب پڇو.

(i) **جهنگ جي جانورن کي جنم ڏينهن جي دعوت ڪنهن ڏني؟ ___________**

(ii) **ننڍڙي ٻَنيءَ کي ڳولڻ لاءِ هن جا ماءُ پيءُ پهريان ڪاڏي ويا؟___________**


(iii) **غار ۾ ڪير رهندو هو؟___________**

(iv) **شرارتي پولڙو ڪٿي رهندو هو؟___________**

(v) **ننڍڙو ٻَنِي هنن کي ڪٿي لڌو؟___________**

(vi) **ننڍڙو ٻَنِي درياءَ پاسي ڇو ويو هو؟___________**

2. **جانور مختلف جاين تي رهندا آهن. ليڪ ڪڍي، جانور کي پنهنجي رهائش واري هنڌ يا گهر سان ملايو.**



باب چوٿون

# جانور ۽ انهن جا ٻَرَ ۽ ٻچا

سيني جانورن کي ڦَرَ يا ٻچا ٿين. ڪي جانور جهڙوڪ ڪڪڙيون، ڪچون ۽ نانگ آنا لاهين. اهي آنن تي آرو ڪن ۽ ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ انهن مان ٻچا ڦٽن.



نانگ



ڪچون



ڪڪڙ

## سرگرمي:

پکين جي ٻچن کي چوزا چوندا آهن.
تصويرون سامهون ڏنل جملن جي لحاظ سان هيٺ مٿي ٿيل آهن.
ليڪ ذريعي تصوير کي صحيح جملي سان ملايو.



1. پکي آکيرو ٺاهين ٿا.

2. ماءُ آکيري ۾ آنا لاهيندي آهي.

3. آنن کي گرم رکڻ لاءِ پکي آرو ڪندا آهن.

4. آنا ڦُٽندا ته انهن مان ٻچا نڪرندا.

5. مائٽ چوزن کي چُڳائيندا آهن.

ڪي جانور جهڙوڪ ڍڳي، هاٿي ۽ ٻولڙا ٻچا ڄڻين ٿا.





ماءُ پنهنجي ٻچن يا ڦرن جي جوان ٿيڻ تائين سار سنڀال لهي ٿي.






اهي هر قسم جي ايذاءُ ۽ تڪليف کان انهن جو بچاءُ ڪن ٿيون ۽ پنهنجي ڦرن کي کير ڌارائين ٿيون.

## سرگرمي:

هيٺ ڏنل تصويرن کي ڏسو. هڪ جانور-ماءُ پنهنجي جانور- ٻيبي جي ڪهڙيءَ ريت مدد ڪري رهي آهي. لفظ- خاني مان صحيح جواب چونڊيو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| کڻي هلڻ | وهنجارڻ | کارائڻ | پيار ڪرڻ | بچائڻ |


_______________


_______________


_______________


_______________


_______________


_______________

ڪن جانورن جا نوان ڄاول ٻچا جهڙوڪ بدڪ جا ٻچا، ٻليءَ جا ٻلونگڙا ۽ ڪتن جا گلر بلڪل پنهنجي مائٽن جهڙا لڳندا آهن.



بدڪ بدڪڙين سان


ٻلي ٻلونگڙن سان



ڏڳي گابي سان

ڪن جانورن جا نوان ڄاول ٻچا پنهنجي مائٽن ڪان نرالا لڳندا آهن. جيئن جيئن انهن ۾ واڌ ايندي آهي، تيئن تيئن اهي تبديل ٿيندا ويندا آهن. مثال طور هڪ ڏيڏرڙو (tadpole) ڄمڻ مهل هُوبهو مڇيءَ جهڙو هوندو آهي. جيئن اهو وڏو ٿيندو ويندو آهي، ته هن جو پُڇ گم ٿي ويندو آهي ۽ اهو بلڪل ڏيڏر جهڙو لڳندو آهي.





پٽ ڪينئون وڏي پوپٽ بڻجي ٿو





ننڍڙو ڏيڏرڙو وڏي ڏيڏر بڻجي ٿو

**استاد لاءِ هدايت:** شاگردن کي ٻڌايو ته سڀني جانورن کي پنهنجا ٻچا آهن. ڪي ٻچا مائٽن جهڙا ته ڪي انهن کان مختلف آهن. جيڪي مختلف آهن اهي تبديليءَ جي عمل مان گذرن ٿا جنهن کي زندگيءَ جو چڪر/دائرو يا ”لائيف سائيڪل“ چوندا آهن.

سرگرميون:

1. نظم ”جانورن جي ماءُ“ ياد ڪريو ۽ پنهنجي ڪلاس جي ساٿين کي پڙهي ٻڌايو.

## ”جانورن جي ماءُ“



ماءُ پنهنجي ٻچن سان پيار ڪري ٿي
انهن کي صاف ستڙو ۽ گرمي سرديءَ کان محفوظ رکي ٿي
انهن لاءِ ماني ۽ پاڻي آڻي ٿي
انهن کي وهنجاري سهنجاري اڇو اجرو رکي ٿي
رات جو پنهنجي ڪوڙيءَ سان لائي سمهي ٿي
ماءُ پنهنجي ٻچن سان ڏاڍو پيار ڪري ٿي
هوءَ پنهنجي سموري سگهه سان انهن سان محبت ڪري ٿي

(الف) ڪن ٻـ ٻن جانورن جي ٻچن جا نالا لکو، جيڪي پنهنجي مائٽن جهڙا نٿا لڳن.

(i) ____________________ (ii) ____________________

(ب) ڪن ٻـ ٻن جانورن جي ٻچن جا نالا لکو، جيڪي پنهنجي مائٽن جهڙا لڳن.

(i) ____________________ (ii) ____________________

(ج) ڇا توهان پنهنجي مائٽن جهڙا لڳو ٿا؟ توهان ۽ توهان جي والدين ۾ هڪجهڙائي لکو.

ڪن جانورن جي ٻچن کي خاص نالن سان سڏجي ٿو.



ٻليءَ جي ٻچي کي ٻلونگڙو (kitten) چون .



ڪتي جي ٻچي کي گلر (Puppy) سڏين .



هنج پکي جي ٻچي کي سگنيٽ (cygnet) چون .



بدڪ جي ٻچڙي کي بدڪڙي (duckling) سڏين.



ڍڳيءَ جي ڦر کي گابو/گابي (calf) سڏين.



رڍ جي ڦرَ کي گهيٽڙو (lamb) سڏين.



گهوڙي جي ٻچي کي وڇيرو (foal) چون.

## سرگرمي:

”الف“ خاني ۾ جوان/ وڏن جانورن جا نالا ڏنا ويا آهن. ”ب“ خاني ۾ انهن جي ٻچن جا نالا لکو. هڪ جو جواب ڏنو ويو آهي.

| ”الف“ خانو | ”ب“ خانو |
|---|---|
| رڍ | گهيٽڙو |
| ٻلي | |
| ڪتو | |
| ڪڪڙ | |
| ڍڳي | |
| ڏيڏر | |
| گهوڙو | |
| پوپٽ | |
| ٻدڪ | |
| شينهن | |
| ٻڪري | |

## يونٽ 9 جي پڇاڙي: مشق

1. سهي جي چُر ۽ ڪورئيڙي جي چار جون تصويرون ناهيو.

| | |
|---|---|
| | |

2. هيٺين جانورن جي گهرن جا نالا لکو:

(i) شينهن __________ ۾ رهندا آهن.

(ii) چمڙا __________ ۾ رهندا آهن.

(iii) پکي __________ ۾ رهندا آهن.

(iv) پولڙا __________ تي رهندا آهن.

(v) گهوڙا__________ ۾ رهندا آهن.

(vi) ڍڳيون__________ ۾ رهنديون آهن.

(vii) سها__________ ۾ رهندا آهن.

3. هنن جانورن کي انهن جي بدني بناوت ڪهڙي ريت ڪم اچي ٿي. خاني مان مناسب لفظن جي چونڊ ڪريو.

نوٽ: ساڳيو لفظ هڪ کان وڌيڪ دفعا استعمال ڪري سگهجي ٿو.

| |
|---|
| بچاءُ ڪرڻ- پنن ۽ ڏانڊي کي غذا لاءِ پيڄڻ- ڪاڏو ڪائڻ- ترڻ- گوشت ڪائڻ- ڪاڏي ۽ پاڻي کي گڏ ڪري رکڻ- ٽڏ کان بچڻ |

(i) رڇ جي بدن تي گهاٽن وارن جي ٻَڄِ هن کي __________ ۾ مدد ڪري ٿي.

(ii) اٺ جو ٿوهو/ ڪوهو __________________ ۾ هن جي مدد ڪري ٿو.

(iii) شينهن جا سنهاۀ تکا ۽ مضبوط ڏند__________ ۾ هن جي مدد ڪن ٿا.

(iv) مڇيءَ جون ڪنيڙاٿيون __________ ۾ هن جي مدد ڪن ٿيون.

(v) بدڪ جا ڳنڍيل پير، هن کي __________ ۾ مدد ڏين ٿا.

(vi) پکين جي ڇُهنب انهن جي __________ ۾ مدد ڪري ٿي.

(vii) هاٿيءَ جي سونڍ هن جي __________ ۾ مدد ڏئي ٿي.

(viii) ڪُميءَ جي ٿلهي کل کوپو ان جي __________ مدد ڪري ٿو.

(ix) ڍڳيءَ جا سِڱ ان جي __________ ۾ مدد ڪن ٿا.

4. (i) ان جانور کي چوڏاري گول پايو، جيڪو ٻين کان مختلف آهي.
(ii) ٻڌايو ته اهو ڪيئن مختلف آهي؟

(الف) (i) ٻلي (ii) ڍڳي (iii) ڪتو (iv) ڪُڪڙ

ڇو؟__________________________________________

(ب) (i) ڪانءُ (ii) گهوڙو (iii) طوطو (iv) ڳيرو

ڇو؟__________________________________________

(ج) (i) پٽ ڪينئون (ii) مڇي (iii) ڪِرڙي (iv) نانگ

ڇو؟__________________________________________

(د) (i) پوپٽ (ii) ڊولفن مڇي (iii) اسٽار فِش (مڇي) (iv) وهيل مڇي

ڇو؟__________________________________________

(هه) (i) واڳون (ii) ڏيڏر (iii) پولڙو (iv) ڪچون (ٽرٽل)

ڇو؟__________________________________________

استاد لاءِ هدايت: شاگردن طرفان ڏنل سيني صحيح فرقن ۽ تفاوتن کي قبول ڪيو. مثال طور (الف) ”ڪُڪڙ“ انهن ۾ مختلف آهي. فرق اهو آهي ته ٻلي، ڍڳيءَ ۽ ڪتي کي چار ٽنگون آهن مگر ڪُڪڙ کي ٻه ٽنگون آهن. ٻلي صرف هلي سگهي ٿي جڏهن ته ڪُڪڙ هلي ۽ اڏامي به سگهي ٿي. ڪڪڙ کي ڪنيون آهن پر ٻلي، ڍڳي ۽ ڪتي کي ڪنيون ناهن. شاگردن جي همت افزائي ڪريو ته هو جنهن ماحول ۾ رهن ٿا ان جي چڱيءَ طرح جانچ ۽ چڪاس رکن ته هو ڪهڙي هنڌ رهن ٿا ۽ ڇا ڪائن ٿا.

5. جانور مختلف طريقن سان چُرپُر ڪن ٿا. ”الف“ خاني ۾ جانورن جا نالا ڏنل آهن. ”ب“ خاني ۾ ٻڌايو تہ اهي ڪهڙيءَ ريت چُرپُر ڪن ٿا. هيٺ ڏنل ” خاني“ مان صحيح لفظ ڳوليو ۽ خاڪي کي مڪمل ڪريو (نوٽ: هڪ لفظ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا استعمال ڪري سگهجي ٿو).

سُري ٿو- اڏامي ٿو- ٽپا ڏئي ٿو- ڊوڙي ٿو- ڀڄي ٿو- تري ٿو- هلي ٿو

| ”الف“ خانو<br>جانور جو نالو | ”ب“ خانو<br>اهي چُرپُر ڪيئن ڪن ٿا؟ |
|---|---|
| ڍَڳي | |
| شينهن | |
| گهوڙو | |
| مڇي | |
| طوطو | |
| پٽ ڪينئون | |
| ڪئنگرو | |
| ڪانءُ | |

6. پنهنجي آسپاس موجود جانورن جا نالا لکو. هر هڪ جانور اسان جي ڪهڙي ڪم اچي ٿو.

| جانور جو نالو | اسان جي ڪهڙي ڪم اچي ٿو |
|---|---|
| | |
| | |
| | |
| | |

# يونٽ 10: ذرتيءَ جي وسيلن جا فائدا

## شاگردن جي سِکيا جا نتيجا Students Learning Outcomes (SLOs)

### باب پهريون: گهرجن جي پُورائي لاءِ ذرتي جا وسيلا استعمال ڪرڻ

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- انسان پنهنجي ضرورتن جي پورائي لاءِ زمين جي وسيلن کي استعمال ڪن ٿا. (زمين پوک وغيره لاءِ ۽ درياءَ ۽ سمنڊ مڇي وغيره مارڻ لاءِ) .
- قدرتي طور حاصل ڪيل (مادن) وسيلن ۽ انهن مان پنهنجي محنت سان ٺاهيل شين ۾ فرق محسوس ڪرڻ.

### باب ٻيو: پوک

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- پاڪستان ۾ مکيہ فصل ڪهڙا اُپايا وڃن ٿا ۽ ڪهڙن جانورن جي پالنا ڪئي ٿي وڃي.
- ان ڳالهہ کي سمجهڻ تہ ماڻهو اُپايل فصلن کي ڪهڙيءَ ريت (خاص عمل ذريعي) تبديل ڪري پنهنجي ڪتب آڻين ٿا. (ڪپهہ مان ڌاڳو ٺاهڻ، ڌاڳي مان ڪپڙو ٺاهڻ ۽ ڪپڙي مان مختلف لباس ٺاهڻ وغيره).
- مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿيندڙ عام ٺهيل شين جي اصلي قدرتي وسيلي جي ڄاڻ رکڻ (ڪڻڪ مان بسڪوٽ ٺهن ٿا).

### باب ٽيون: عمارتن ٺاهڻ ۾ ڪتب ايندڙ سامان ۽ اوزار

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- عمارتون ٺاهڻ ۾ ڪهڙو مال ۽ اوزار استعمال ٿين ٿا؟
- مادن جي انهن خاصيتن کي معلوم ڪرڻ، جن جي ڪري انهن کي اڏاوتي مقصدن لاءِ استعمال ڪجي ٿو.
- ڏنل تصويرن مان دنيا جي مشهور عمارتن کي سڃاڻڻ.
- عمارتن جي اڏاوت ۾ ڪهڙي قسم جي ڪمن ۽ ڪم ڪندڙن جي ضرورت پوي ٿي. (رازڪو ڪم- واڍي جو ڪم- رنگ واري جو ڪم- نلڪا ۽ سينيٽريءَ جو سامان لڳائڻ وارن جو ڪم وغيره).

باب پهريون

# ڳُهرجن جي پُورائي لاءِ ڌرتي جا وسيلا استعمال ڪرڻ

قدرت طرفان انسانذات کي ڪيترائي قدرتي وسيلا مهيا ڪيا ويا آهن جهڙوڪ: پاڻي، هوا، زمين، ٻيلا ۽ معدنيات. اسان انهن وسيلن کي استعمال ڪري پنهنجي ضرورتن جو پورائو ڪري سگهون ٿا.



سمنڊ ۾ مڇي مارڻ



زمين تي فصل اُپائڻ



سون مان زيور ٺاهڻ






ڪاٺ مان فرنيچر وغيره ٺاهڻ

سون، ٽامو (Copper)، لوهه، ڪوئلو ۽ ڪاٺ قدرتي طور حاصل ٿئي ٿو.

اسان انهن قدرتي مادن، ڌاتن ۽ وسيلن مان بيشمار شيون ٺاهيون ٿا. ڪاٺ مان فرنيچر، لوهہ مان ديڳڙا، ديڳڙيون، تيون، ٽَرِٽيون ۽ سون چاندي مان زيور زڙا ٺاهيون ٿا.

## سرگرميون:

1. اشارن جي مدد سان ڪراس- ورڊ (آڏا سڌا لفظ) کي مڪمل ڪريو .




سڌا

(1) سمنڊ مان ________ حاصل ٿئي ٿي.

(2) فرنيچر ________ مان ٺهي ٿي.

(3) تارون/وائرون ________ مان ٺهن ٿيون.

مٿان کان هيٺ

(1) هاري ________ ۾ ڪم ڪري ٿو.

(2) زيور ________ مان ٺهن ٿا.

2. قدرتي مادي کي ان شيءِ سان ملايو، جيڪا ان مادي مان ٺهي تيار ٿي آهي.














# پوک

توهان پڙهي آيا آهيو تہ زمين جو گهڻو ڀاڱو پوک يا زراعت هيٺ آهي. هاري ڪيترائي فصل پوکين ٿا ۽ جانورن جي پالنا ڪن ٿا. ان ذريعي کاڌ خوراڪ ۽ ڪپڙي لٽي جون اسان جون ضرورتون پوريون ٿين ٿيون.

هيٺين تصويرن کي ڏسو. انهن ۾ اوهان کي سنڌ جا مُکيہ فصل نظر ايندا.



ڪڻڪ



ڪپھ



چانور



ڪمند

**سرگرمي:**

پاڪستان ۾ پيدا ٿيندڙ پنجن مکيہ فصلن جا نالا لکو:

______________________ ______________________

______________________ ______________________

______________________

فصلن مان ڪيترين شين ٺاهجن ٿيون. هيٺين تصويرن کي ڏسو. انهن مان اسان کي خبر پئي ٿي تہ ڪيئن نہ ڪپھ ۽ ڪڻڪ جي اُپايل فصلن مان اهي شيون ٺهن ٿيون.






ڪپھ ← ڌاڳو ← سوٽي ڪپڙو ← پائڻ جو تيار لباس قميص

ڪڻڪ کي پيهي اَٽو ٺاهين ٿا. ان ڪانپوءِ اُن مان بريڊ ۽ ماني وغيره ٺاهي وڃي ٿي.





ڪڻڪ ← اٽو ← ماني

## سرگرمي:

هيٺ ڄاڻايل شيون ڪهڙي قدرتي وسيلي مان ٺهن ٿيون. انهن مان هڪ اوهان جي سهوليت لاءِ حل ڪيو ويو آهي.

(i) بسڪوٽ ← ڪڻڪ

(ii) زيور ← ________________

(iii) ٽافي ← ________________

(iv) ڪارن آئل ← ________________

(v) فرنيچر ← ________________

هينئين تصويرن کي ڏسو. ڇا توهان انهن ۾ ڏيکاريل جانورن کي سڃاڻي سگهو ٿا؟





اهي سڀ جانور پاڪستان ۾ پاليا وڃن ٿا. اهي جانور اسان جون غذائي ضرورتون پوريون ڪن ٿا. اسين ڪُڪڙين جو گوشت ۽ آنا کائيندا آهيون. اسين ڍڳين، مينهن، ٻڪرين ۽ رڍن جو کير پيئندا آهيون ۽ گوشت کائيندا آهيون. کير مان مکڻ، لسي، ڏهي ۽ چيز (Cheese) ٺهي ٿي. اسين کير مان ڪيتريون مٺيون شيون به تيار ڪريون ٿا.


آنا



کير


مکڻ

جانورن جي کلن مان چمڙو ٺهي ٿو. چمڙي مان بوٽ، جئڪيٽون ۽ ٻئگون تيار ڪيون وڃن ٿيون.


بوٽ، بيلٽ ۽ هٿ جا پرس ۽ بيگون چمڙي مان ٺهن ٿيون


رڱيل چمڙو سُڪي رهيو آهي


کلن کي رنگيو پيو وڃي


جانورن جي کلن تان وار لاٿا پيا وڃن

رڍن جي اُنَ ڪتري ان مان گرم سُئيٽر ۽ ٽوپيون ٺاهيون وڃن ٿيون.



رڍن جي اُنَ ڪترجي پئي ← اُنَ مان اوني ڌاڳو تيار ٿئي ٿو ← اوني ڌاڳي مان مختلف رنگن جي پشم ٺاهي وڃي ٿي ← اُنَ يا پشم کي اُڻي ٽوپيون، شالون ۽ سئيٽر وغيره ٺاهجن ٿا

## سرگرمي:

هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. پاڪستان ۾ جيڪي جانور پاليا وڃن ٿا،انهن جا نالا لکو.

(i)________________(ii)_______________(iii)_________________

2. ڪن ٻه ٽن اهڙن جانورن جا نالا لکو،جن جو کير اسان پيئندا آهيون.

(i)________________(ii)_______________(iii)_________________

3. کير مان ٺهيل ڪن ٻه ٽن شين جا نالا لکو،جيڪي اوهان کائيندا آهيو.

(i)________________(ii)_______________(iii)_________________

4. جانورن جي کلن مان ٺهيل ڪن ٻه ٽن شين جا نالا لکو.

(i)________________(ii)_______________(iii)_________________

باب ٽيون


# عمارتن ناهڻ ۾ ڪتب ايندڙ سامان ۽ اوزار

اسان کي رهڻ لاءِ گهر کپي. اسان کي اسڪولن، اسپتالن، واپاري مرڪزن ۽ آفيسن لاءِ عمارتن جي ضرورت آهي.



قدرتي شين مان ٺهيل ڪچو گهر

اسان کي جاءِ اڏڻ لاءِ گاري جي مٽي، واري، بجري، ريتي پٿر، ٽاريون ڇانپ ۽ ڪاٺ وغيره گهرجي. ان سان گڏوگڏ اسان کي انسان جو ناهيل سامان جهڙوڪ ڪنڪريٽ، پلاسٽڪ ۽ ڪائو (شيشو) پڻ جايون ناهڻ ۾ ڪم اچي ٿو.



انسانن جو ٺهيل مٽيريل جيڪو اسان جي گهر ۾ استعمال ٿئي ٿو

اسان جون اڪثر عمارتون سرن مان ٺهيل آهن. سرون چيڪي مٽيءَ مان ٺهن ٿيون، جن کي ڀَٺي ۾ پچائي پڪيون سرون تيار ڪجن ٿيون. پڪيون سرون ڪافي مضبوط آهن.



سرن کي پچائڻ جو ڀٺو



عورت سرون پٿي وجهي

سيمينٽ ۽ ريتي ملائي به سرون ٺاهي سگهجن ٿيون جن کي ننڍا بلاڪ سڏين. اهي سرون وڌيڪ مضبوط آهن. اهي باهه ۽ موسم جي خراب اثرن کان پڻ محفوظ آهن.



سيمينٽ ۽ ريتيءَ مان ٺهيل بلاڪ يا سرون

اُوچين ۽ گهڻ-ماڙ عمارتن کي وڌيڪ مضبوط هجڻ گهرجي. لوهه يا اسٽيل جي سرين ۽ شيخن کي استعمال ڪري بلند عمارتون جوڙيون ويون آهن. لوهه ڏاڍو مضبوط ۽ پائيدار آهي، ليڪن ساڳئي وقت وزن ۾ هلڪو به آهي.



لوهه جو ڇڄو يا ڇتو ٺاهيو پيو وڃي



عمارتن کي مضبوط بنائڻ لاءِ لوهه جو استعمال

ڪاٺ وڻن مان حاصل ڪجي ٿو ۽ وڻ ڏاڍو اهم قدرتي وسيلو آهن. ڪاٺ جون ڪيترين ئي ڪارائتيون خاصيتون آهن. عمارتن جي درن ۽ درين ٺاهڻ ۾ ڪاٺ استعمال ٿئي ٿو.



ڪاٺ قدرتي وسيلو آهي



در ۽ دريون ٺاهڻ لاءِ ڪاٺ استعمال ٿئي ٿو

پلاسٽڪ، انسان جو ٺهيل مٽيريل يا مادو آهي. پلاسٽڪ کي هر شڪل ۽ ڊؤل ۾ آڻي سگهجي ٿو. پلاسٽڪ مضبوط هجڻ سان گڏوگڏ ڏاڍو هلڪو آهي. هن مان پاڻي وهي نٿو سگهي، چاڪاڻ ته اهو واٽر پروف آهي. عمارتن ۾ پلاسٽڪ جي پائيپن جو استعمال عام آهي.



پلاسٽڪ جا پائيپ

ڪائو (شيشو) به انسان جو ٺاهيل مٽيريل يا مادو آهي. عمارتن ۾ عام طرح درين ۾ ڪائو استعمال ٿئي ٿو.





شيشي واريون دريون

## عمارتون ٺاهيندڙ ماڻهو ۽ انهن جي ڪتب ايندڙ اوزار

عمارت ٺاهڻ ۾ ڪيترن ماڻهن جو حصو آهي. هر هڪ پنهنجي ڪم جو ماهر آهي. مختلف ڪم ڪندڙ ماڻهو مختلف قسمن جا اوزار ۽ سامان ڪتب آڻين ٿا.



هڪ عورت سرون وجهي رهي آهي



هڪ آرڪيٽيڪٽ عمارت جو نقشو ناهي رهيوآهي



هڪ رازو سرن جي اوساري ڪٽي رهيو آهي



هڪ مزدور ڪلهي تي سرون ڍوئي رهيو آهي



رنگ وارو رنگ ملائي رهيو آهي



تعميراتي مزدور لوهي شيخون ڪٽي رهيو آهي

**استاد لاءِ هدايت:** شاگردن کي ٻڌايو ته ڳوناٽا صدين کان ڪچن گهرن ۾ رهندا اچن ٿا جيڪي مٽي واري، ڪکن ڪانن، بانس، ڪچين سرن، گاهه، ٻهه، ٿوئي، سرن ۽ ڏڳيءَ جي ڇيٽي مان ٺهيل هوندا آهن. انهن کي ڇپر، ڪوٺي، وانگ ۽ چؤنرا چوندا آهن. اهڙيون اڏاوتون مضبوط نه هونديون آهن ۽ مينهن، ٻوڏن، طوفانن ۽ ڌرتي ڌٻڻ جي حالت ۾ جهٽ ۾ ڍهي پونديون آهن. اڄڪلهه ڳوٺن ۾ به سيمينٽ سان ٺهيل پڪا گهر ٺاهيا وڃن ٿا. شاگردن کي اهو به سمجهايو ته مٽي، واري، پٿر، بانس، ڪانڪريٽ، سيمينٽ، ڪاٺ جون ٿوٽيون، لوهي شيخون ۽ پلاسٽڪ پائيپ وغيره عمارتن جي اڏاوت ۾ استعمال ٿين ٿا.

# اوزار

عمارتن جي اڏاوت ۾ ڀين ڪانسواءِ هيٺيان اوزار ڪثرت سان استعمال ٿين ٿا.



گاري ۽ سيمينٽ کي ملائڻ ۽ ڪٽڻ لاءِ ۽ زمين جي کوٽائي ڪرڻ لاءِ ڪوڏرون ۽ بيلچا استعمال ٿين ٿا.



رازو شاهل سان ڏسي رهيو آهي تہ ڇا هُو ڀت کي سڌو اڏي رهيو آهي؟



گهرجي ڊزائين ۽ ڊرائنگ ڪڍڻ لاءِ ڪمپاس، هڪ آرڪيٽيڪٽ لاءِ نهايت ضروري آهي.



مارَنِ ۽ چُونارين جو سَيٽ جنهن سان سيمينٽ/گارو ڦهلائجي ٿو ۽ واڌو گاري کي لاٿو وڃي ٿو



بجليءَ وارو تارون ڪٽڻ لاءِ
”وايرڪٽر“ استعمال ڪندو آهي



واڍو ڊرل مشين، هٿوڙو ۽ ڇيڻي ذريعي پنهنجو ڪم ڪري ٿو



پلمبر، پائيپ پاڻي سان پائيپ ڦيرائي، مضبوط ڪري ٿو



رنگ وارو، رنگ برش سان عمارت کي رنگ ڪري ٿو

## سرگرميون:

1. جيڪڏهن هيٺيان جملا صحيح معلومات ڏين ٿا تہ ( ✓ ) جو ۽ جي غلط معلومات ڏين ٿا تہ (✗) جو نشان لڳايو:

(i) ڌاتو مضبوط، سخت ۽ چمڪدار آهن. (   )

(ii) پلاسٽڪ قدرتي مادو آهي. (   )

(iii) چيڪي مٽيءَ کي سولائي سان ڪابہ شڪل ڏئي ٿي سگهجي (   )

(iv) ڪائو پائيپ ٺاهڻ ۾ ڪم اچي ٿو (   )

(v) ڪاٺ قدرتي مادو آهي. (   )

(vi) اسٽيل مضبوط پر هلڪو مادو آهي. (   )

(vii) ڪکن جهڙيون قدرتي شيون، سرن ٺاهڻ ۾ ڪم اچن ٿيون (   )

(viii) عمارتن ۾ ڪم ايندڙ سامان (Material) قدرتي بہ آهن تہ انسان جو ٺهيل/هٿرادو بہ (   )

2. (الف) ”الف“ خاني ۾ قدرتي مادن ۽ ”ب“ خاني ۾ هٿرادو يا انسان جي ٺهيل انهن مادن کي لکو جيڪي عمارتن ٺاهڻ ۾ ڪم اچن ٿا. ڏنل باڪس مان لفظ چونڊيو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| چيڪي مٽي | ڪاٺ | ڪائو | چيريون | ڪک ڪانا | سيمينٽ |
| واري (ريتي) | ڪانڪريٽ | اسٽيل | پن | پلاسٽڪ | |

| ”الف“ خانو<br>قدرتي مادا جيڪي جاين ٺاهڻ ۾ استعمال ٿين ٿا | ”ب“ خانو<br>هٿرادو يا انسان جا ٺهيل مادا جيڪي جاين ٺاهڻ ۾ ڪتب اچن ٿا |
|---|---|
| (i) | (i) |
| (ii) | (ii) |
| (iii) | (iii) |
| (iv) | (iv) |
| (v) | (v) |

2. (ب) تصويرن ۾ ڏيکاريل اوزارن کي سڃاڻي انهن جا نالا لکو ۽ اهو پڻ ٻڌايو تہ انهن کي ڪير استعمال ڪندو آهي.



اوزار نالو:____________________

ڪير استعمال ڪندو آهي _________



اوزار نالو:____________________

ڪير استعمال ڪندو آهي _________



اوزار نالو:____________________

ڪير استعمال ڪندو آهي _________



اوزار نالو:____________________

ڪير استعمال ڪندو آهي _________

2. (ج) ڪي بہ ٽي خصوصيتون يا خوبيون ٻڌايو، جن جي ڪري هينيان مادا (Material)، عمارتون جوڙڻ لاءِ ڪارائتا آهن. توهان جي سهوليت لاءِ پهريون سوال حل ڪيو ويو آهي.

(i) ڌاتو مضبوط، پائدار ۽ چمڪندڙ آهن.

(ii) پلاسٽڪ _________، _________ ۽ _________ آهي.

(iii) چيڪي مٽي _________، _________ ۽ _________ آهي.

(iv) ڪائو _________، _________ ۽ _________ آهي.

(v) ڪاٺ _________، _________ ۽ _________ آهي.

# دنيا جون مشهور عمارتون:

دنيا ۾ ڪيتريون ئي مشهور عمارتون آهن. انهن مان ڪن جون تصويرون هيٺ ڏجن ٿيون:



شاهي قلعو، لاهور



پسا ٽاور، اٽلي



اِيفل ٽاور پيرس، فرانس



برج العرب دبئي، گڏيل عرب رياستون



تاج محل آگرو، انڊيا



پيٽروناس ٽاورس ڪوالالمپور، ملائيشيا

## سنڌ جون مشهور عمارتون:

اسان جي سنڌ صوبي ۾ ڪيترين ئي مشهور عمارتون آهن. انهن مان ڪن جون تصويرون هيٺ ڏجن ٿيون:



معصوم شاهه جو منارو، سکر



حبيب بئنڪ پلازه، ڪراچي



ٽاور مارڪيٽ، حيدرآباد



شاهه جهاني مسجد، ٺٽو



قائدِ اعظم بين الاقوامي هوائي اڏو، ڪراچي



رني ڪوٽ جو قلعو، ڄام شورو

## يونٽ 10 جي پڇاڙي: مشق

1. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) ڪن ٻن ٽن فصلن ۽ انهن مان نهندڙ شين جا نالا لکو:

| شيءِ جو نالو | فصل جو نالو |
|---|---|
| (i) | (i) |
| (ii) | (ii) |
| (iii) | (iii) |

(ب) پاڪستان ۾ پيدا ٿيندڙ ڪن ڇهن فصلن جا نالا لکو:

(i)________________(ii)________________(iii)________________

(iv)________________(v)________________(vi)________________

(ج) ڪٽڪ (ڪٽڪ جي اٽي) مان نهندڙ ڪن ٽن شين جا نالا لکو:

(i)________________(ii)________________(iii)________________

(د) ڪن ٽن جانورن جا نالا لکو، جن جو گوشت اسان ڪائيندا آهيون:

(i)________________(ii)________________(iii)________________

(ح) جانورن مان حاصل ٿيندڙ ٽن شين جا نالا لکو:

(i)________________(ii)________________(iii)________________

(و) ڪن ٽن شين جا نالا لکو، جيڪي کير مان نهن ٿيون:

(i)________________(ii)________________(iii)________________

2. هيٺ ڏنل خانن ۾ تصويرن ذريعي ڪمند مان کنڊ ٺاهڻ جي عمل کي ترتيبوار بيان ڪيو.

| ڪمند | ڪمند جي رس | ڳڙ | کنڊ |
|---|---|---|---|

3. هيٺ ڏنل خاڪي جي خانن کي پريو. عمارت سازي جي ڌنڌي سان لاڳاپيل ماڻهو ڪهڙو ڪم ڪن ٿا ۽ اهي پنهنجي ڪم ۾ ڪهڙن اوزارن کي استعمال ڪن ٿا.

| تعمير يا اڏاوت جي ڪم سان لاڳاپيل ماڻهو | اهو ڪم جيڪو هو ڪن ٿا | اهي اوزار جيڪي هو استعمال ڪن ٿا |
|---|---|---|
| آرڪيٽيڪٽ | | |
| واڍو | | |
| رازو | | |
| رنگ ساز (وارو) | | |
| پلمبر | | |

# يونٽ 11: گرمي ۽ روشني

## شاگردن جي سِکيا جا نتيجا Students Learning Outcomes (SLOs)

### باب پهريون: گرمي

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا ته:

- گرمي ۽ روشني ڪهڙن ذريعن سان حاصل ٿئي ٿي.
- قدرتي ۽ انسان جي ٺهيل، روشني ۽ گرميءَ جي ذريعن بابت ڄاڻَ.
- گرمي جن طريقن سان پيدا ڪئي وڃي ٿي تن ڪي معلوم ڪرڻ (جهڙوڪ: ٻارڻ ۽ گسائڻ).

### باب ٻيو: روشني

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا ته:

- گرمي ۽ روشني جا ڪهڙا فائدا آهن؟
- گرمي ۽ روشنيءَ جي ذريعن کي جيترو ويجهو ٿبو، اوترو انهن جي شدت محسوس ٿيندي.

# گرمي

**سرگرمي:**

شاگردن کي چئو تہ ڪلاس کان ٻاھر وڃن ۽ ڀن تن منٽن تائين اُس ۾ ويهن ۽ اهو ڏسن تہ ھو اتي ويھڻ سان ڇا ٿا محسوس ڪن؟ ڀن تن منٽن بعد کين ڪلاس ۾ اچڻ لاءِ سڏيو. انھن کان ھيٺيان سوال پڇو:

(i) جڏھن توھان اُس ۾ بيٺا ھئا تہ توھان ڇا پئي محسوس ڪيو؟

______________________________

(ii) ھاڻي جڏھن توھان ڪلاس ۾ آيا آھيو تہ ڇا ٿا محسوس ڪيو؟

______________________________

(iii) ٻڌايو تہ اُس ۾ ويھڻ ۽ ڪلاس ۾ ھجڻ ۾ فرق محسوس ٿيو تہ ڇو ٿيو؟

______________________________

**سج، گرميءَ جو مکيہ ذريعو آھي. اھو گرميءَ جو قدرتي وسيلو آھي.**

**سرگرمي:**



گھربل شيون

- ڪپڙي يا ڪاغذ جا ٻہ ٽوال.
- پاڻيءَ جو مَگُ يا ڪُپو

**طريقو:**

پاڻيءَ جي مگ ۾ ٻنهي ٽوالن کي آلو ڪيو.

ھڪ ٽوال کي اُس ۾ ۽ ٻئي کي ڇانوَ ۾ رکو.

(i) توھان جي خيال ۾ ڪھڙو ٽوال پھريان سُڪي ويندو؟______________________________

(ii) ڇو؟ ______________________________

ڏھن منٽن کانپوءِ ٻئي ٽوال پنھنجي ڊيسڪ تي کڻي اچو.

ڏسو تہ ٽوال ڪھڙيءَ حالت ۾ آھن. ھيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(i) ڪھڙو ٽوال وڌيڪ سڪل آھي؟______________________________

(ii) اھو ٽوال سُڪل ڇو آھي؟______________________________

(iii) ٽوال جي سُڪڻ ۾ گرميءَ جو ڪيترو دخل آھي______________________________

(iv) ٽوال وارو پاڻي ڪاڏي ويو؟______________________________

ٻارڻ سان گرمي پيدا ٿئي ٿي. جڏهن اسان ڪاٺيون، قدرتي گيس، پيٽرول يا ڪوئلو ٻاريندا آهيون ته اسان کي گرمي ملندي آهي. ڪاٺ، قدرتي گيس ۽ ڪوئلو پڻ گرميءَ جا قدرتي وسيلا آهن.



ڪاٺ



قدرتي گيس



ڪوئلو

## سرگرميون:









1. مٿين تصويرن کي ڏسو. هر تصوير ۾ ڏيکاريل گرميءَ جي ذريعي کي هيٺين ليڪن تي لکو.

(i) ____________________ (i) ____________________

(ii) ____________________ (ii) ____________________

2. هيٺ ڏنل تصويرن کي ڏسو.انهن ۾ ڪهڙي ڪم ڪرڻ لاءِ گرمي استعمال ٿئي ٿي.

1. گرميءَ جو ذريعو ٻڌايو. 2. ڇڏيل جاءِ تي لکو ته ان ڪهڙي ڪم ۾ مدد ڪئي؟



(i) ____________________

(ii) ____________________



(i) ____________________

(ii) ____________________



(i) ____________________

(ii) ____________________



(I) ____________________

(ii) ____________________



(i) ____________________

(ii) ____________________



(i) ____________________

(ii) ____________________



گسائڻ ذريعي بہ گرمي پيدا ڪري سگهجي ٿي.
پنهنجا ٻئي هٿ زور سان مَهٽِيو.
لاڳيتو ٻن منٽن تائين هٿن کي گسائيندا رهو.
توهان ڇا ٿا محسوس ڪيو؟
ڇا توهان محسوس ڪيو تہ گسائڻ سان اوهان جا هٿ گرم ٿيندا پيا وڃن؟

**سرگرمي:**

ڪلاس کي ننڍين ٽولين ۾ ورهايو ۽ هر هڪ ٽوليءَ کي پلاسٽڪ جي ٿيلهي ۾ برف جو هڪ ٽڪرو ڏيو.

هاڻي ڪين چئو تہ پاڻ ۾ مقابلو ڪن تہ ڪير برف جي ڳنڍيءَ کي پهريان رجائي ٿو سگهي. شاگردن جي ٽولين جي همت افزائي ڪيو تہ جيئن اهي برف کي ڳارڻ لاءِ گرميءَ جي استعمال ۾ تخليقي صلاحيتون ڪم آڻين. جيڪا ٽولي سڀني کان پهريان برف جو ڳنڍو رجائي وجي تنهن کي هٿ مٿي ڪري اهڙو اظهار ڪرڻ گهرجي.

(i) ڪهڙيءَ ٽوليءَ برف رجائڻ جو مقابلو کٽيو؟ ____________________

____________________

(ii) انهيءَ اهو مقابلو ڪيئن کٽيو؟ ____________________

____________________

(iii) اهي مختلف طريقا بيان ڪيو، جن کي استعمال ڪندي، شاگردن برف رجائڻ جي ڪوشش ڪئي. ____________________

____________________

**استاد لاءِ هدايت:**

شاگردن کي سمجهايو تہ هٿن مهٽڻ سان هنن پنهنجي هٿن جي ترين کي گرم ڪيو. گسائڻ سان گرمي پيدا ٿئي ٿي. شاگردن کي همٿايو تہ اهي گسائڻ ذريعي گرمي پيدا ڪرڻ جي ٻين مثالن تي بہ سوچين. شاگرد برف جي ڳنڍن کي پاڻ ۾ گسائين، انهن کي گرم هوا ڏين يا ڳوٿرين کي اُس ۾ رکن تہ جيئن رجڻ ۽ ڳرڻ جي عمل جي رفتار جانچي سگهجي.

باب ٻيو

# روشني

روشني تمام اهم آهي. روشنيءَ جي ڪري ئي اسان هر شيءِ ڏسي ٿا سگهون. سج روشنيءَ جو مکيه وسيلو آهي. سج جي روشني ڏاڍي چمڪندڙ ۽ تکي آهي. سج جي روشنيءَ جي ڪري اسان ڏينهن جي وقت، هر شيءِ صاف ڏسي سگهون ٿا. سج روشنيءَ جو قدرتي ذريعو آهي.

**سرگرمي:**

پنهنجي ڪلاس جي دريءَ مان ٻاهر ڏسو. توهان ڇا ٿا ڏسو؟ ________________

ڏينهن جو روشنيءَ جو ذريعو ڪهڙو آهي؟ ________________

هاڻي سمجهو ته توهان هڪ اونداهي ڪمري ۾ آهيو؟ ________________

ڇا توهان ڪمري ۾ ڪجهه ڏسي سگهو ٿا؟ ________________

ڪمري ۾ شين کي ڏسڻ لاءِ توهان کي ڇا جي ضرورت آهي؟ ________________

سمجهو ته اوهانجو دوست هٿ ۾ ميڻ بتي کڻي ڪمري ۾ اندر ٿو اچي. ڇا هاڻي توهان ڪمري جو شيون ڏسي سگهو ٿا؟

ڇو؟ ________________

انسان جا ناهيل روشنيءَ جا ٻيا ڪهڙا ذريعا آهن؟ ________________

هيٺ ڏنل تصوير کي ڏسو. اڄ سيءُ وڌيڪ آهي، تنهنڪري ماڻهو پاڻ کي گرم رکڻ لاءِ باهه جي ويجهو ويٺا آهن. انهن ماڻهن ۾ باهه جي تپش گهٽي ڪنهن کي ملندي. تصوير نمبر 1 ۾ ڏيڪاريل ماڻهن کي يا تصوير نمبر 2 ۾ ڏيڪاريل ماڻهن کي؟ ٻڌايو؟



تصوير نمبر 1 ۾ ماڻهو باهه ڪان پري



تصوير نمبر 2 ۾ عورتون باهه جي تمام ويجهو

ها، بلڪل صحيح تصوير نمبر 2 ۾ ماڻهن ڪي باهه جي تپش گهڻي محسوس ٿيندي، ڇاڪاڻ ته اُهي باهه جي تمام ويجهو وينا آهن، جنهن ڪري وڌيڪ تپش محسوس ڪندا ۽ جيئن جيئن اسين باهه کان پري ٿيندا ويندا سين ته اسان کي گهٽ تپش محسوس ٿيندي.

اسان پهرئين ڪلاس ۾ پڙهي آيا آهيون ته روشني اسان جيچوڌاري موجود شين کي ڏسڻ ۾ مدد ڪري ٿي. هيٺ ڏنل تصويرن کي ڏسو ۽ ٻڌايو ته ٻار تصوير ۾ ڇا ڪري رهيا آهن ۽ ٻڌايو ته ڪهڙي تصوير ۾ روشني ٻارن جي گهڻي مدد ڪري رهي آهي؟ ۽ ڇو؟



تصويرنمبر1 ٻار روشنيءَ جي ويجهو وينا آهن



تصويرنمبر 2 ٻار روشني کان پري وينا آهن

جي ها، بلڪل صحيح، ٻار پڙهي رهيا آهن. تصوير نمبر 1 ۾ روشني انهن کي پڙهڻ ۾ مددگار ثابت ٿي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته ٻار لائيٽ جي وڌيڪ ويجهو آهن، جيڪا روشني جو ذريعو آهي.

اسين انهن شين کي وڌيڪ ڏسي سگهون ٿا، جيڪي روشني جي ذريعي جي ويجهو آهن. جيئن جيئن اسان روشنيءَ جي ذريعي کان پري ٿيندا سين، ته اسين شين کي چڱيءَ ريت ۽ چٽو ڏسي نه سگهنداسين.

**سرگرمي:**

روشنيءَ جي ٻن ذريعن جون تصويرون ناهيو. هڪ اسان کي ڏينهن جو شين کي ڏسڻ ۾ مدد ڪري ۽ ٻيو رات جو اسان کي شين کي ڏسڻ ۾ مدد ڪري.

ميڻ بتي، باهه، تيل جون بتيون ۽ لائيٽ جا بلب روشنيءَ جا ٻيا ذريعا آهن. اهي ذريعا انسان جا ناهيل آهن.

**سرگرمي:**

هيٺ ڏنل تصويرن کي ڏسو. روشنيءَ جي ذريعي جو نالو لکو ۽ ٻڌايو ته اهو قدرتي آهي يا انسان جو ناهيل. هر تصوير هيٺان ان مقصد لاءِ هڪ خانو ڏنو ويو آهي.

| | | |
|---|---|---|
|  |  |  |
| (i) ________ (ii) ________ | (i) ________ (ii) ________ | (i) ________ (ii) ________ |
|  |  |  |
| (i) ________ (ii) ________ | (i) ________ (ii) ________ | (i) ________ (ii) ________ |

**ڇا توهان کي خبر آهي؟**


ڪي جانور پنهنجي روشني پاڻ پيدا ڪندا آهن جيئن ته ٽانڊاٽو يا ڪڙ ڪٻيتو.



ٽانڊاٽو

## يونٽ 11 جي پڄاڻي: مشق

1. فقط انهن شين ۾ رنگ ڀريو، جيڪي روشني ڏين/ڪن ٿيون.



2. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(i) جسم جي ڪهڙي پاڱي يا عضوي کي ڏسڻ لاءِ استعمال ڪجي ٿو؟

______________________________

(ii) ڇا توهان ڏينهن جو شين کي سولائيءَ سان ڏسي سگهو ٿا؟

ڇو؟______________________________

(iii) ڇا توهان رات جو شين کي سولائيءَ سان ڏسي سگهو ٿا؟

ڇو؟______________________________

3. مختلف شين جون تصويرون ۽ انهن جي نمبرن سان هيٺ ڏنل آهن.


تصوير 1


تصوير 2


تصوير 3


تصوير4


تصوير5


تصوير6


تصوير7


تصوير 8

(الف) هيٺين خانن ۾ انهن تصويرن جا نمبر لکو ۽ جن مان فقط گرمي ملي ٿي، جن مان رڳو روشني ملي ٿي ۽ جن مان گرمي ۽ روشني ٻئي ملن ٿيون.

| صرف گرمي | فقط روشني | گرمي ۽ روشني ٻئي |
|---|---|---|
| | | |

(ب) هيٺين خانن ۾، انهن تصويرن جا نمبر لکو جيڪي روشنيءَ جو قدرتي يا انسان جو ٺهيل ذريعو آهن.

| انسان جو ٺاهيل روشنيءَ جو ذريعو | روشنيءَ جو قدرتي ذريعو |
| --- | --- |
| | |

4. گرميءَ جي ڳولا:

(الف) پنهنجي ماءُ/ پيءُ سان گڏجي گهر جو چڪر لڳايو ۽ گرميءَ جي مختلف ذريعن جي تلاش ڪيو. هيٺ ڏنل ليڪن تي گرميءَ جي ذريعن جا نالا لکو.

(i) ________ (ii) ________

(iii) ________ (iv) ________

(v) ________

(ب) ڇا اهي ڪجهه دير هلائڻ کانپوءِ گرم ٿين ٿا؟

________

5. اندازو لڳايو تہ مان ڪير آهيان؟

اڀ تي مان وسيع روشني آهيان

رات جو مان توهان کي نظر ڪونہ ايندس.

مان سڀني شين جي پيدائش ۾ انهن جي مدد ڪريان ٿو.

توهان کي ان جي خبر هئڻ گهرجي.

ڇا توهان ڄاڻي ويا آهيو تہ مان ڪير آهيان؟________

6. ”روشني“ نظم کي ياد ڪري ٻارن کي ٻڌايو.

**روشني**

هتي روشني، هُتي روشني،
روشني، روشني، هر هنڌ روشني!
لائيٽ جا بلب روشن آهن
فليش لائيٽس جي تيز روشني
سج جي روشني چمڪي پئي
ميڻ بتي بہ ٻري ٿي پئي
هِتي روشني، هُتي روشني،
روشني،روشني، هر هنڌ روشني!!

# يونٽ 12: سني ڪردار جي تشڪيل ۽ تڪميل

## شاگردن جي سِکيا جا نتيجا (Students Learning Outcomes (SLOs

### باب پهريون: پيغمبرن سڳورن جي مبارڪ زندگيءَ، اعليٰ تعليم ۽ هدايتن مان پرائِڻ

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- حضرت محمّد صلي الله عليہ وسلم جن جي مبارڪ سيرت/زندگيءَ جا ڪجھ اهم واقعا ۽ ڳالهيون.
- حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي پاڪ حياتين جا ڪي نصيحت وارا نڪتا ۽ واقعا.
- نبي اڪرم حضرت محمّد صلي الله عليہ وسلم جن جي حياتِ مبارڪ مان اعليٰ اخلاق جا ڪجھ مثال.

### باب ٻيو: انصاف ۽ هڪجهڙائيءَ سان هلڻ

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- آڪاڻين ۾ سني ۽ خراب هلت واريون ڳالهيون نوٽ ڪرڻ.
- ڪهڙا طريقا، نامناسب حالتن کي بهتر بڻائي سگهن ٿا.
- ٻين سان خراب ورتاءُ ڪرڻ جي ذميواري قبول ڪيو.
- جڏهن اوهان جي هلت کي خراب محسوس ڪيو وڃي تہ ان کي ترت بدلايو.

### باب ٽيون: ٻين جي واهر ڪرڻ

هن باب جي پڄاڻيءَ تي شاگرد اهو سِکي ۽ ڄاڻي ويندا تہ:

- شاگرد جيڪي شيون هڪٻئي سان شيئر ڪن ٿا (مثال طور دوستن سان رانديڪا ۽ کائڻ جون شيون) انهن جا نالا لکو.
- ڏنل تصويرن ۽ آڪاڻين ۾ ٻڌايل اهي طريقا بيان ڪريو جن تي عمل ڪرڻ سان هڪ ٻئي جي مدد ڪري سگهجي ٿي. (گهر ۾، اسڪول ۾، شهر يا ڳوٺ ۾).
- ڪو اهڙو واقعو ٻڌايو جڏهن شاگردن ڪنهن کي ماني ڪارائي رانديڪا ۽ ڪتاب شيئر ڪري مدد ڪئي هجي.

باب پهريون

# پيغمبرن سڳورن جي مبارڪ زندگيءَ اعليٰ تعليم ۽ هدايتن مان پرائڻ

الله تعاليٰ ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيترائي نبي سڳورا موڪليا آهن. انهن جي مٿان اهو ڪم رکيو ويو ته اهي ماڻهن کي الله تعاليٰ بابت ٻڌائين ۽ سندس حڪمن مطابق زندگي گذارڻ جي دعوت ڏين. نبي سڳورن ڏاڍي پاڪ، صاف ۽ فراخدليءَ واري زندگي گذاري. هنن الله تعاليٰ بابت ماڻهن کي معلومات ۽ ڄاڻ ڏني ۽ سيکاريو ته اهي ڪيئن هڪ ٻئي جي سار سنڀال لهي سگهن ٿا.

## حضرت محمّد صلي الله عليہ وسلم جن جي مبارڪ سيرت ۽ تعليم

حضرت محمّد صلي الله عليہ وسلم جن جي ولادت مڪي پاڪ ۾ 571ع ۾ ٿي. پاڻ سڳورا سچا ۽ امين هئا تنهن ڪري مڪي جا ماڻهو ڪين صادق (سچو) ۽ امين (اعتبار ۽ ڀروسي لائق) جي لقبن سان سڏيندا هئا. پاڻ جڏهن چاليهہ سالن جا ٿيا، ڪين الله تعاليٰ جي طرفان نبوت عطا ڪئي وئي.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ماڻهن کي سمجهايو ته اُهي فقط هڪ الله جي عبادت ڪن ۽ بتن وغيره کي هرگز نہ پوڄين. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم ماڻهن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي عزت ڪن، وڏن جو ادب ۽ ننڍن سان پيار ۽ شفقت سان هلن. پاڙيسرين سان سهڻو سلوڪ رکن ۽ غريبن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪن. هيٺين ڳالهہ مان توهان اهو اندازو لڳائي سگهندا ته نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن سٺي ڪردار ۽ سيرت جو عملي نمونو هئا. پاڻ سڳورن تي قرآن پاڪ نازل ٿيو آهي، جيڪو الله تعاليٰ جو آخري ڪتاب آهي.


### رحمدلي، درگذر ۽ معاف ڪري ڇڏڻ ۽ احترام جي ڳالهہ

مڪي ۾ هڪ ٻڍڙي عورت رهندي هئي. پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم جڏهن بہ ان مائيءَ جي گهر وٽان لنگهندا هئا تہ هوءَ گڏ ڪيل گند ڪچرو سندن مٿان اڇلائيندي هئي. هڪ ڏينهن، جيئن پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم ٻڍڙي عورت جي گهر وٽان لنگهيا تہ گند ڪچرو ڪونہ اڇلايو ويو. پاڻ پاڙيوارن کان پڇا ڪيائون تہ معلوم ٿيو تہ اها عورت سخت بيمار ٿي پئي هئي ۽ بستري داخل

هئي. پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم مائيءَ جي گھر ويا، سندس مزاج پرسي ڪيائون ۽ سندس چڱيلائيءَ جي دعا ڪيائون. سندس خراب هلت لاءِ ڪيس معاف ڪري ڇڏيائون. پيڙي عورت ڏاڍي شرمسار ٿي تہ هن ڪيڏو نہ اوڻکو ۽ خراب سلوڪ ڪيو هو. هن محسوس ڪيو تہ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم جن نهايت پاجهارا، مانائتا، ايماندار ۽ معاف ڪرڻ وارا هئا. ان ڏينهن کانپوءِ هن ڪڏهن بہ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن کي تڪليف نہ ڏني ۽ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي.

**سرگرميون:**

1. ڏنل خانن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي سهڻين فضيلتن مان ڪن بہ پنجن کي بيان ڪريو.




2. هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(i) حضرت محمّد صلي الله عليہ وسلم جن جي ولادت ڪٿي ٿي؟

______________________________

(ii) جڏهن الله تعاليٰ طرفان ڪين نبوت عطا ڪئي تڏهن سندن عمر مبارڪ ڪيتري هئي؟

______________________________

(iii) مڪي جا ماڻهو حضرت محمّد صلي الله عليہ وسلم جن کي ”صادق“ ۽ ”امين“ ڇو سڏيندا هئا؟______________________________

استاد لاءِ هدايت: شاگردن کي حضور صلعم جي زندگي مبارڪ ۽ ڏنل تعليم بابت وڌيڪ ٻڌايو.

# حضرت موسيٰ عليہ السلام جي سيرت ۽ تعليم

گهڻو وقت اڳ، حضرت موسيٰ عليہ السلام مصر ۾ ڄائو. ان زماني ۾ مصر تي ظالم بادشاهہ فرعون جي حڪمراني هئي. هن ڪي نجومين (ستارن جي مدد سان، ايندڙ واقعن جي اڳڪٿي ڪندڙ) ٻڌايو "اسرائيل ۾ هڪ ٻار پيدا ٿيندو جيڪو تنهنجي حڪومت جو خاتمو آڻيندو." ان اڳڪٿيءَ جي ڊپ ۾ هن حڪم جاري ڪيو تہ بني اسرائيل ۾ جيڪو بہ ٻار ڄمي تنهن کي ماري ڇڏيو وڃي. جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام ڄاوا تہ سندن امڙ، هن جي حياتي بچائڻ خاطر هن کي هڪ پيتيءَ ۾ رکي نيل ندي ۾ لوڙهي ڇڏيو. الله جي قدرت سان اها پيتي ظالم فرعون جي زال کي ملي وئي، جنهن حضرت موسيٰ عليہ السلام جي پرورش ڪئي.

جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام وڏو ٿيو تہ هن فرعون جي ظلم ۽ ڏاڍ کي پنهنجي اکين سان ڏٺو، هو ماڻهن سان ٿيندڙ زيادتين ۽ ظلم کي برداشت ڪري نہ سگهيو. هن فيصلو ڪيو تہ هو پنهنجي ماڻهن کي فرعون جي ظلم کان بچائڻ خاطر، مصر کان ٻاهر وٺي ويندو جتي هو سک جو ساهہ کڻي آزاديءَ سان زندگي گذاري سگهندا. جڏهن هو ڳاڙهي سمنڊ (Red Sea) وٽ پهتا، تڏهن الله تعاليٰ ان کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو تہ جيئن حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ هن جا پوئلڳ سولائيءَ سان ٻئي ڪناري تي پهچي سگهن. فرعون ۽ هن جو لشڪر بہ سندن پويان پئي آيو. اُهي جڏهن وچ تي پهتا تہ سمنڊ جا ٻئي حصا پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويا ۽ اهڙيءَ طرح ظالم فرعون ۽ سندس لشڪر پاڻيءَ ۾ ٻڏي غرق ٿي ويو.

حضرت موسيٰ عليہ السلام صحرا کي لتاڙي سينا جبل تي پهتو ، جتي الله تعاليٰ هن سان همڪلام ٿيو ۽ کيس ٻڌايائين تہ هن بني اسرائيل کي ڇو بچايو آهي. چاڪاڻ تہ اُهي الله تعاليٰ جا چونڊيل ۽ نوازيل بندا آهن ۽ سندس قيمتي سرمايو آهن. الله تعاليٰ، حضرت موسيٰ عليہ السلام کي ڏهہ فرمان يا حڪمناما ڏنا . الله پاڪ گهريو پئي تہ بني اسرائيل انهن ڏهن فرمانن تي عمل ڪن.

هيٺ ڏنل باڪس ۾، ڏهن فرمانن مان ڪجهه ڏنا ويا آهن.

1. فقط هڪ الله جي بندگي ڪريو.
2. الله جون شڪليون، بتن ۽ عڪسن جي صورت ۾ نه ٺاهيو.
3. الله جو نالو ادب ۽ احترام سان وٺو.
4. ماءُ ۽ پيءُ جي عزت ڪريو. هنن سان سهڻو سلوڪ ڪريو ۽ سندن فرمانبرداري ڪريو.
5. ڪنهن ٻئي انسان کي قتل نه ڪيو.
6. چوري نه ڪريو. ٻئي جي شيءِ کي هٿ نه لايو.
7. ڪنهن بابت ڪوڙي ڳالهه نه ڪريو ۽ نه ئي ڪنهن تي بُهتان مڙهيو.

الله طرفان هدايتن ۽ حڪمن جو پاڪ ڪتاب جيڪو حضرت موسيٰ عليہ السلام تي لٿو، ان کي تورات چوندا آهن. حضرت موسيٰ جي پوئلڳن کي يهودي سڏيندا آهن.

سرگرمي:

هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(i) حضرت موسيٰ عليہ السلام جو جنم ڪٿي ٿيو؟

_______________

(ii) حضرت موسيٰ عليہ السلام جي زماني ۾ مصر جي حاڪمن کي ڪهڙي نالي سان سڏيندا هئا؟ _______________

(iii) اسرائيل ۾ جمندڙ سيني پُٽن کي مارڻ جو حڪم فرعون چو ڏنو؟

_______________

(iv) حضرت موسيٰ عليہ السلام جي ڪن ٻه ٽن سهڻين خوبين کي بيان ڪريو. ڪنهن ٻه هڪ اهڙي خصلت بابت ٻڌايو، جيڪا توهان پاڻ ۾ پيدا ڪرڻ پسند ڪندؤ. _______________

_______________

# حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي سيرت ۽ تعليم

حضرت عيسيٰ عليہ السلام بيتلحم (بيت اللحم) ۾ ڄائو. الله تعاليٰ، حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي ڪيترن معجزن سان نوازيو. ڪين بيمارن کي تندرست ڪرڻ، انڌن کي اکين جو نور ڏيڻ ۽ مئلن کي جيئرو ڪرڻ جا معجزا عطا ڪيل هئا. پاڻ هزارين ماڻهن کي ڏِٺ ڪرائي سگهندا هئا.
حضرت عيسيٰ عليہ السلام عظيم استاد هو. ماڻهن جا ميڙ سندن ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ گڏ ٿي ويندا هئا. پاڻ ڪهاڻين ذريعي ماڻهن کي ٻڌائيندا هئا تہ الله تعاليٰ چاهي ٿو تہ ماڻهو پنهنجيون زندگيون ڪيئن گذارين؟ هيٺ ٿن ڳالهين کي بيان ڪجي ٿو.

- انهن ڏينهن ۾ بدلي وٺڻ جو رواج عام هو "اک بدران اک ۽ ڏند بدران ڏند". حضرت عيسيٰ عليہ السلام ماڻهن کي سمجهايو تہ بدلي وٺڻ کان معاف ڪري ڇڏڻ بهتر آهي. دشمنن سان بہ درگذر ڪرڻ وارو سلوڪ ڪجي.

- حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي ڏينهن ۾ ڪي ماڻهو پاڻ کي نيڪ ۽ بزرگ سڏائڻ جو ڍونگ ڪندا هئا. هو جڏهن بہ ڪنهن غريب کي امداد طور پيسا ڏيندا هئا تہ هنن جا ماڻهو توتارا ۽ بگل وڄائي ماڻهن جو ڌيان ڇڪائيندا هئا تہ جيئن هر هڪ کي خبر پئي تہ اهو پلو ماڻهو خير جو ڪم ڪري رهيو آهي. حضرت عيسيٰ عليہ السلام ماڻهن کي هدايت ڪئي تہ "ضرورتمندن جي مدد لڪائي ڪيو، الله تعاليٰ اوهان کي انعام ۽ اڪرام سان نوازيندو".

- حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڪين ٻڌايو تہ جنت ۾ وڃڻ لاءِ هنن کي ڪهڙا عمل ڪرڻ گهرجن . "جيڪڏهن توهان وٽ بہ ڪوٽ آهن تہ هڪ غريب کي ڏئي ڇڏيو. جيڪڏهن توهان وٽ وڌيڪ کاڌو آهي تہ بکايل کي کارايو".

حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي جيڪو مقدس ڪتاب نازل ٿيو، ان کي "انجيل" چوندا آهن ۽ سندس پوئلڳن کي "عيسائي" سڏبو آهي.

استاد لاءِ هدايت: شاگردن کي نبين سڳورن جي زندگي ۽ تعليم بابت وڌيڪ ٻڌايو.

## سرگرميون:

1. حضرت عيسيٰ عليہ السلام جا پنج اعليٰ گڻ ۽ خاصيتون ڄاڻايو. انهن مان ڪنهن بہ هڪ خوبيءَ جو عملي نمونو پيش ڪيو.

ڪا هڪ اهڙي خوبي لکو جيڪا توهان ٻين لاءِ ڪري سگهو ٿا.

(i) ______________________

(ii) ______________________

(iii) ______________________

(iv) ______________________

(v) ______________________

2. هيٺيان جملا پڙهو ۽ ٻڌايو تہ توهان انهن مان ڪهڙي ڳالهہ ڪري سگهو ٿا؟

(i) سچار ٿيڻ لاءِ مان ______________________

(ii) ٻين جي لاءِ احترام ۽ عزت ڏيکارڻ لاءِ مان ______________________

(iii) وقت سر پهچڻ لاءِ مان ______________________

(iv) ٻين جي مدد ڪرڻ لاءِ مان ______________________

(v) ايماندار ٿيڻ لاءِ مان ______________________

(vi) مهربان ۽ رحمدل ٿيڻ لاءِ مان ______________________

(vii) فرمانبردار ٿيڻ لاءِ مان ______________________

باب ڀيو

# انصاف ۽ هڪجهڙائيءَ سان هلڻ

فائزه پنهنجي ڀيڻ ۽ ڀاءُ سان پيار ته ڪندي هئي پر انهن سان هڪجهڙائيءَ وارو ورتاءُ نه ڪندي هئي. جڏهن ڪجهه کائڻ جو وقت ٿيندو هو ته هوءَ هميشه پنهنجي حصي کان وڌيڪ کڻندي هئي. جڏهن ڪچهري يا پاڻ ۾ گفتگو ڪندا هئا ته پنهنجي واري جو انتظار نه ڪندي، وچ ۾ ئي ڳالهائڻ شروع ڪندي هئي. راند کيڏڻ وقت به چاهيندي هئي ته پهريون وارو مان وٺان وري قاعدن موجب راند کيڏڻ پسند نه ڪندي هئي ۽ پنهنجي مرضيءَ موجب کيڏڻ ۽ کٽڻ چاهيندي هئي.

هڪ ڏينهن فائزه جي امڙ کيس پاڻ وٽ سڏي وهاريو ته جيئن ساڻس سندس انهن عادتن بابت ڳالهه ٻولهه ڪري هن ۾ سٺي ۽ وڻندڙ تبديلي آڻي سگهي. کيس چيائين ”فائزه! مان ڏسان پئي ته تون پنهنجي ڀاءُ ڀيڻ سان سٺو سلوڪ نه پئي ڪرين. سهڻي ورتاءُ جو مطلب آهي ته پنهنجي حصي جيترو ڀاڱو کڻجي، پنهنجي واري اچڻ تائين انتظار ڪجي ۽ راند پنهنجي مرضيءَ موجب نه پر راند جي قاعدن موجب کيڏجي“. فائزه کي اهي ڳالهيون وڻيون ۽ ان کانپوءِ هوءَ ڪوشش ڪندي هئي ته هر ڪم ۾ پنهنجي ڀيڻ ڀاءُ سان هڪجهڙو ۽ انصاف روءِ هلي.

ڪاڏي مهل، پنهنجو حصو کڻندي ۽ کائيندي هئي، پنهنجي واري اچڻ تي ئي ڳالهائيندي هئي ۽ راند جي قاعدن مطابق کيڏندي هئي.



ائين ڪندي هن پاڻ کي ڏاڍو سٺو محسوس ڪيو. هن جا ڀيڻ ڀاءُ سندس بدليل ورتاءُ ڪري هن سان پيار ڪرڻ لڳا ۽ اهي پاڻ ۾ گڏجي سڏجي رانديون کيڏڻ ۽ وقت گذرڻ ۾ ڏاڍا خوش ٿيندا هئا.

**چا توهان کي خبر آهي**

جيڪڏهن توهان ڪنهن سان سٺو نه هليا آهيو ته ان لاءِ ”سوري!“ چئو.
سڀني سان هڪجهڙو ورتاءُ ڪرڻ سان اوهان پنهنجي پاڻ کي سٺو سمجهڻ لڳندؤ.

**سرگرمي:**

هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. اهي ٽي کهڙيون چڱيون ڳالهيون نه هيون، جيڪي فائزه ڪندي هئي؟

(i)________ (ii)________ (iii)________

2. فائزه سٺو هلڻ لاءِ ڇا ڪيو؟________

3. ڪنهن سان سٺو نه هلڻ لاءِ ڇا چوڻ گهرجي؟________

**استاد لاءِ هدايت:** شاگردن کي آکاڻي پڙهي ٻڌايو ۽ ان بعد ساڻن هڪجهڙو هلڻ تي بحث ڪريو.

باب ٽيون

# ٻين جي واهر ڪرڻ

علي پنهنجي پيءُ سان گڏجي مارڪيٽ ويو. واپسيءَ تي هن پنهنجي پيءُ کي سامان ڀريل ڳوٿريون کڻائڻ ۾ مدد ڪئي. واٽ تي هڪ شخص جي سيڌي سامان جي ڳوٿري ڪري پئي. عليءَ رستي تي ڪريل شيون ميڙڻ ۾ هن جي مدد ڪئي.



هر ڪنهن کي ٻئي جي مدد درڪار آهي. ڪڏهن اسان کي ٻين جي مدد ڪرڻ جي ضرورت پئي ٿي ته ڪڏهن ٻين کي اسان جي مدد گهرجي. اسان ڪيترن طريقن سان ٻين جي واهر ڪري سگهون ٿا. هيٺ ڏنل تصويرن کي ڏسو ۽ ٻڌايو ته ٻار ٻين جي مدد ڪهڙي طرح ڪن ٿا.





اسان پڻ هر چڱي ڪم ۾ ٻين جي مدد ڪري سگهون ٿا. ڪئنٽين ۾، بس اسٽاپ يا دڪان تي پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ سان، ٻين لاءِ به آساني ٿي ٿئي.

ياد ڪيو ته گهر، اسڪول يا ڪلاس ۾ پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ ڪيترو نه ضروري هو؟ ڀلا ائين ڪرڻ ڇو ضروري هو؟

**استاد لاءِ هدايت:** شاگردن کان پڇو ته ڇا هنن ڪڏهن ڪنهن سان ڪاڏو، رانديڪا، ڪتاب ۽ ڪپڙا شيئر ڪيا آهن؟ هنن کي ائين ڪرڻ لاءِ همٿايو. هنن کي چئو ته ڪا ڳالهه جا هنن ٻڌي، پڙهي ۽ ڏٺي هجي ته اها ڪلاس سان شيئر ڪن.

## سرگرمي:

**شيئر ڪرڻ بابت آکاڻي پڙهو ۽ سوالن جا جواب ڏيو:**

**سيما ۽ عائشه ٻه ساهڙيون هيون.**

**سيما وٽ رانديڪي واري نئين ڪار هئي.**

**جڏهن عائشه سيما جي گهر آئي ۽ نئين ڪار ڏٺائين ته هن چاهيو پئي ته اُها وٽس هجي.**





**تنهن ڪري سيما کان پڇڻ بنا هن سيما کان ڪار کسي ۽ ان سان راند ڪيڏڻ لڳي. هوءَ سيما کي ڪار سان ڪيڏڻ جو وارو ئي نه پئي ڏئي جنهن تي سيما کيس چيو "اچ ته گڏجي راند ڪيون".**



**هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

(i) **جڏهن عائشه، سيما جي رانديڪي سان ڪيڏڻ پئي گُهريو تڏهن هن ڇا ڪيو؟**

---

(ii) **جڏهن ڪو توهان جي موڪل کانسواءِ توهان جي شيءِ کڻي تڏهن توهان ڇا محسوس ڪندا؟**

---

(iii) **شيئرنگ جي معنيٰ ڇا آهي؟**

---

(iv) **توهان کي ڪا شيءِ گهرجي، جيڪا ٻئي وٽ آهي ته توهان ڇا ڪندؤ؟**

---

**استاد لاءِ هدايت:** جيڪي شيون اسان شيئر ڪري سگهون ٿا انهن ۾ رانديڪا (بال گڏي)، کاڌي جون شيون (ميوو، ماني، اسڪولي شيون بسڪوٽ) تصوير، ڪتاب، ڪمبل، ڪپڙا، ڪمرو، لطيفو، سني خبر ۽ اعليٰ خيال ۽ سوچ شامل آهن.

## يونٽ 12 جي پڇاڙي: مشق

1. تصوير ڪيدي ٻڌايو تہ توهان ڪنهن جي مدد ڪهڙيءَ طرح ڪري سگهو ٿا.

2. هيٺ اهڙيون ڳالهيون ڏجن ٿيون جيڪي ٻارن سان ڪڏهن ڪڏهن ٿين ٿيون. توهان جي خيال ۾ مناسب ۽ انصاف روءِ ڪهڙي ڳالهہ ٿيندي؟

درست جواب سامهون (✓) جو نشانو لڳايو.

(i) ثنا ۽ عائشہ ڪيڪ ڪائڻ لاءِ تياري ڪري رهيون آهن. ثنا ڪيڪ جا ٻہ حصا ڪيا، هڪ حصو وڏو ۽ ٻيو ننڍو ثنا کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

(الف) ڪيڪ جو ننڍو حصو عائشہ کي ڏئي. ( )

(ب) عائشہ کي وڏو حصو ڏئي. ( )

(ii) سلميٰ ۽ ميري (Mary) راند ڪيڏي رهيون آهن. جڏهن ميريءَ جو ڌيان ٻئي پاسي هئو تڏهن سلميٰ ٺڳي ڪري راند کٽي وئي.

ميري چيو"سلميٰ! تون صحيح نموني راند نٿي ڪيڏين ۽ ٺڳي ڪرين ٿي." سلميٰ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

(الف) سلميٰ کي "سوري" Sorry ڪري، راند وري ڪيڏڻ گهرجي. ( )

(ب) سلميٰ کي ضد ڪري چوڻ گهرجي تہ هن واقعي راند کٽي آهي. ( )

(iii) ڪاشف، دوستن سان گڏ فوٽبال راند ڪيڏي رهيو آهي.

ڪاشف کي بال پهريان ملي ٿو. ڪاشف کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

(الف) سڄو وقت بال پاڻ وٽ رکي ۽ گول ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ( )

(ب) بال ٽيم جي ٻئي رانديگر کي ڏئي جيڪو گول جي ويجهو آهي ( )

3. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(i) پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟ ٽي سبب ٻڌايو.

(i) ________________

(ii) ________________

(iii) ________________

(ii) اهڙن موقعن جو ذڪر ڪيو، جڏهن پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ ڏاڍو ضروري هو:

(i) ________________

(ii) ________________

(iii) ________________

(iii) (Sorry) ”سوري ڪارڊ“ ٺاهيو ۽ جنهن ڪي توهان رنجايو يا تڪليف رسائي هجي ان کي ڏيو.

(i) ________________

(ii) ________________

(iii) ________________

4. ”الف“ ڪالم ۾ پيغمبر سڳورن جا نالا ٻڌايا ويا آهن. ”ب“ ڪالم ۾ اهڙيون ٽي ڳالهيون لکو جيڪي توهان انهيءَ نبي سڳوري جي سيرت ۽ تعليم مان پرايون آهن.

| ”الف“ ڪالم<br>پيغمبر سڳوري جو نالو | ”ب“ ڪالم<br>ٽي ڳالهيون جيڪي اوهان پرايون |
|---|---|
| حضرت محمّد صلي الله عليہ وسلم | |
| | |
| | |
| حضرت موسيٰ عليہ السلام | |
| | |
| | |
| حضرت عيسيٰ عليہ السلام | |
| | |
| | |

5. (الف) ياد ڪيو جڏهن توهان ڪنهن سان صحيح نہ هليا هجو يا جڏهن ڪنهن ٻئي توهان سان مناسب سلوڪ نہ ڪيو هجي. اهو بيان ڪريو.

________________ ________________

________________ ________________

اهو ان ڪري صحيح ۽ مناسب نہ هيو ڇاڪاڻ تہ ________________

مون محسوس ڪيون تہ ________________

ان کي هن طريقي سان صحيح ڪري پيو سگھجي ________________

5. (ب) ان باري ۾ سوچيو جڏهن توهان پنهنجي ڪنهن عمل سان، ڪنهن جي مدد ڪئي هجي. هيٺ ڇڏيل جاءِ تي لکو:

________________ ________________

________________ ________________

6. ڪن بہ پنجن شين جا نالا لکو جيڪي توهان ٻين سان شيئر ڪيون هجن.

| | مان ڪهڙيون شيون ٻين سان شيئر ڪندو آهيان؟ | مان اهي شيون ڪنهن سان شيئر ڪندو آهيان؟ |
|---|---|---|
| (i) | ________________ | ________________ |
| (ii) | ________________ | ________________ |
| (iii) | ________________ | ________________ |
| (iv) | ________________ | ________________ |
| (v) | ________________ | ________________ |

## واڌو سرگرمي:

1. (Fairness)"انصاف روءِ هلڻ" بابت نظم ياد ڪيو.

ياد رکو تہ توهان کي انصاف روءِ هلڻو آهي.
ائين ڪرڻ ۾ خاص خيال رکو.
پڪ ڪيو تہ توهان سدائين انصاف سان هلو ٿا.
ڇاڪاڻ تہ زندگيءَ ۾ اهو نهايت ضروري آهي.
هر ڪنهن سان هڪجھڙو ورتاءُ ڪريو.
ائين ڪرڻ سان اوهان جي ناماچاري ٿيندي.